
سنڌڙيءَ
جو
سوڳنڌ
(شاعري)
بخشل باغي
SAMBARA
PUBLICATION HYDERABAD

سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ

(شاعري)

بخشل باغي

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن

2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب: 301
ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو:	سنڌڙيءَ جو سوڳند
موضوع:	شاعري
ليکڪ:	بخشل باغي
ڇاپو پهريون:	2021ع
ڪيلي گرافي:	جاويد نواز
لي آئوٽ:	فيصل ميمڻ
ٽائيٽل:	مهراڻ سهتو
ڇپيندڙ:	سمبارا پبليڪيشن

دوابا پوليس لائين سامهون عبرت پريس گاڏي کاتو حيدرآباد

مُلهه: 250/=

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com
2023ع

SINDHRI JO SOGANDH
(Poetry)

Poet:	**Bakhshal Baagi**
First Edition:	**2021**
Title Design:	**Mehran Sehito**
Lay Out:	**Faisal Memon**
Published By:	**Sambara Publication Hyd**
Email:	**sambara. publication@gmail. com**
	0300-3513966

اَرپنا

راشد مورائي

سَرڪش سنڌي

رسول بخش درس

علي محمد شاهہ لڪياري

علي خان چانڊيي

عرفان سَمي

جي نالي

ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ، پوءِ بہ نعرا نيِنهَن جا
سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ، مرنداسين پر مرڪندي
(شيخ اياز)

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميارو شاعر **بخشل باغيءَ** جي شاعريءَ جو مجموعو ”**سنڌڙيءَ جو سوڳند**“ اوهان اڳيان پيش آهي.

بخشل باغي ڌرتي جي قرض کي فرض جيان نڀائڻ جو فن خوب ڄاڻي ٿو. هي ڪتاب سندس مزاحمتي شاعريءَ جو مجموعو آهي. بخشل باغي لفظن جي ڄار ۾ اُلجهڻ بنان تخليقي پنڌ ۾ پنهنجا پيچرا پاڻ ناهيندو وڌندو ٿو رهي، سندس هي مزاحمتي شاعريءَ جو مجموعو پنهنجي ڌرتيءَ سان بي پناهه اُنسيت ۽ انياءَ خلاف آواز جو اهڙو سنگم آهي، جنهن تي پاڻمرادو پاڻ نڇاور ڪرڻ جو جذبو ڪَر موڙڻ لڳي ٿو ۽ اهائي خوبي باغيءَ کي ٻين ڪوتاڪارن کان الڳ ۽ منفرد هنڌ تي رسائي ٿي.

هي ڪتاب 2021ع ۾ **سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون بخشل باغيءَ جا جنهن هن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

- اداري پاران ______________________________ 9
- گهايل آ گجگوڙ گهٽا ۾ (مهاڳ) نواز شاهه ياڏائي ______ 10
- مزاحمت جي چٽنگ (شاعر پاران) بخشل باغي _______ 15

نظم

*ڪاري سانجهي ___________________________ 22
*نئين سنڌ جا نَوان رَتن _____________________ 24
*اسلام آباد ۾ لکيل نظم _____________________ 26
*پُونءِ پُٽڪي پئي ________________________ 28
*اَڪ اَڪ ۾ آ رنگُ اَلستي ____________________ 31
*او "باھُو" تنهنجي ڌرتيءَ تي، __________________ 33
*هي سنڌ نہ آهي لَفظُ رُڳو ____________________ 35
*ڪارو چاڙ ٻہ للڪاري ٿو ____________________ 38
*اُجاڙيو تو پُنڌاڙ جي ٻيٽ کي __________________ 39
*سنڌو توکان سوالي آ ______________________ 41
*ڪراچي ______________________________ 43
*ڪراچي رُوپ سَرتيءَ جو ____________________ 46
*ڇِهين جُونِ ____________________________ 48
*ڪيڏارو ______________________________ 50
*منهنجي سِرَ تي تَعزيرون ____________________ 52
*جَنگي جنون ___________________________ 54
*ديس جو نوحو __________________________ 59
*رياست ______________________________ 60

*ڪُرسي ________________________ 61
*اَيڪتا جو وچن ________________________ 63
*تنهنجي مِٽي مهڪندي ____________________ 65
*ديس جو شهزادو ________________________ 67
*شهيدن ڪي پيتا ________________________ 69
*ديس جو دلبر ________________________ 72
*فلسطين ________________________ 74
*سنڌ صدين ڪان ________________________ 76
*تهذيب جو ترانو ____________________ 78
*سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا ____________________ 80
*مِٽيءَ جي مُحبت ____________________ 83
*تانيا ________________________ 84
*خوابن ۾ ڪَرڙي ________________________ 86
*ساگر ________________________ 89
*تاريخ سان مَڪالمو ____________________ 90
*ڪلر بِلائينڊ ________________________ 93

غزل

*پيرَ ٽانڊن مٿان پَچائيندو. ____________________ 96
*ريت جو هڪ تہ راس آ دريا ____________________ 97
*آزاديءَ جي مومل ماڙي ايندا سين ________________ 98
*آزاديءَ جي مَن ۾ اُجري آس اجان ________________ 99
*غداريءَ جا تمغا تو وٽ ____________________ 100
*ڪري گوڙ گجگوڙتي اج گهٽي ________________ 101

*دُور ڪيلاش تان لَهي سنڌو ____________________ 102
*پاٽي ڏِيوم پاٽي، درياهہ تو چَوي __________________ 103
*ماٺمن تي بار ورديون ______________________ 104

بيت

*خيمي مٿان چنڊ ___________________________ 107
* سنڌ ثقافت ايڪتا _________________________ 110

وايون

*ننڍ نِپا ڳي چڏ ___________________________ 113
*پيرن ۾ هِن دار ___________________________ 114
*ايندو بهار ايندو ___________________________ 115
*تنهنجي آڱنڌَ تي اَچي، _____________________ 116
*سَچل جي درگاھ تي _________________________ 117
*اي شهيدِ وطن! ___________________________ 118

پنجڪڙا

*ديس جي دانهَن ڪير وَرنائي ___________________ 119
*روز منهنجي ديس جا هِت خوابَ ٽا ڪَنيجي وَجن _______ 119

چوسٽو

*اُٿ اُٿاٽيءَ جو وقت آيو آ _____________________ 120

اِداري پاران

موجوده دور ۾ نوجوان ليکارين جي گهٽائي جو لاڙو رومانوي شاعري طرف آهي ۽ روايتي مفروضن، تشبيهن ۽ استعارن جي لتاڙ سبب پڙهندڙن جو ڳاٽيتو ڏينهون ڏينهن گهٽجندو پيو وڃي، جنهن ڪري تخليقي معيار جا ماپا زميني حقيقتن جي پيٽ ۾ مايوس ڪندڙ هجن ٿا. ماضيءَ جيان هڪ پيرو پيهر مزاحمت جو عنصر پروان چڙهي پيو هر حساس دل ماتمڪده آهي، هر اک شعلہ بيانيءَ جو تاثر پئي چڏي، هر دماغ ۾ هڪ باغيءَ جي چيخ دٻيل آهي ۽ جتي زبان کي تالا لڳي وڃن اُتي هڪ باغي ليکاريءَ جو قلم خاموش ڪيئن ٿو رهي سگهي ۽ بخشل باغي تہ ڌرتي جي قرض کي فرض جيان نڀائڻ جو فن بہ خوب ڄاڻي ٿو جڏهن سندس اندر جا اُلا لفظن جو روپ ڌاري پنن تي پٽارجي هڪ مچ مچائن ٿا تہ ان مچ ۾ فقط پاڻ نہ ٿو نچي پر انهن پتنگن کي بہ پڪاري ٿو جيڪي سچا بہ آهن تہ ڪوتا بہ. ڪيس پلي پت سُڌ آهي تہ سندس سڏ ۾ سڏ ڏيندڙ سوڊا سرس نہ هوندا. سڀ ڪو پنهنجي ڪاڪ ٿو چاهي، پر هن پڪارڻ ڇڏيو ناهي، لکندو ٿو رهي، لچندو ٿو رهي، لڳاتار.. لڳاتار..!

بخشل باغي لفظن جي ڄار ۾ اُلجهڻ بنان تخليقي پنڌ ۾ پنهنجا پيچرا پاڻ ناهيندو وڌندو ٿو رهي، سندس هي مزاحمتي شاعريءَ جو مجموعو "سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ" پنهنجي ڌرتيءَ سان بي پناهہ اُنسيت ۽ انياءَ خلاف آواز جو اهڙو سنگم آهي، جنهن تي پاڻمرادو پاڻ نڇاور ڪرڻ جو جذبو ڪَر موڙڻ لڳي ٿو ۽ اهائي خوبي باغيءَ کي ٻين ڪوتاڪارن کان الڳ ۽ منفرد هنڌ تي رسائي ٿي، جتي هر ڪو پهچڻ جي سَت ساري نہ ٿو سگهي. شال سندس قلم جي تقويت هن باغيءَ ليکاريءَ جي سپنن کي ساپيان تائين رسائي.

ساجد سنڌي

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

مهاڳ

گهايل آ گجگوڙ گهٽا ۾

باغي عمر جي اُن اَڏ ۾ آهي جنهن ۾ اڪثر ماڻهو واٽئي وانگر”وهي کاتي جا پنا “کولي ويهي رهندا آهن. ۽ وينا ليکا چوکا ڪندا آهن. رَکتون، رَهتون اوڳاڙڻ جي رٿابندي ڪندا آهن. ويندڙ جوانيءَ تي ويچارگي ۽ ايندڙ پيريءَ تي پشيماني سان پيا سوچيندا آهن. يا وري حياتي جي هَڻ هَٽان کان پوءِ ڪي پل ڪنهن جي سِلڪي وارن جي واديءَ ۾ وِسرام ونڻ چاهيندا آهن. نيٽن ڪي ننڊ جو نَشو ڏئي جَڳ جي جَهنجَهٽ کان جان بَچائي اوجاڳيل سَرير کي سڪون جي سنگيت تي سُمهارڻ جا سپنا سانديندا آهن. گهر جي خرچن، راشن پاڻيءَ، پينشن جهڙين پَچارن ۾ پيا گهرن ۾ هُل هَنگاما ڪندا آهن. پُٽن ۽ ڌيئرن کي جنن، ديون، پُوتن جي آکاڻين سان لُطف اندوز ڪندا آهن. ورد وظيفا ڪري آخرت جي آجائي جا تمنائي ٿيندا آهن. پر باغي شاعر هو. هڪڙو مزاحمتڪار. سندس اندر ۾ اَزل کان وينل هو. ۽ وري سندس شعوري استيج تي ايندي ئي نظرياتي تعلق سنڌ جي عظيم عاشق مُحترم سائين جي ايم سيد سان جيئڻ ئي جُڙيو تہ باغيءَ کي پنهنجي ذات ڏيئا ڪرڻ جو چِٽو ڏڳ ملي ويو. باغي، مُحِبين جي ساوَل وقت بہ سنڌ جي آزاديءَ جا گيت رچيا. اڄ پُختي جَمار ۾ بہ باغي انقلاب جا شعر سِرجڻ ۾ مَگن آهي. سيد جي پيغام، باغيءَ جي شاعري کي سُرخاب جا پَرَ ڏئي ڇڏيا. ۽ هُن جي تخليقي سُونهن قومي تحريڪ جي سچي قافلي کي پنهنجي سَحر ۾ وَڪوڙي ورتو. ۽ سيد سان لاڳاپجڻ کان پوءِ پِٽ ڏٽيءَ جي هي سون سَريکي سِٽ مَٿس نَهڪي اچي ٿي تہ:

”رَتيءَ جي رِهاڻ جِيءُ اَڙايم جَت سين“

اُن رَتيءَ جي رهاڻ کيس اهڙو تہ ڪٺي سوگهو ڪيو جو هُو ڪڏهن بہ ورچي نہ وينو. سدائين ميدانِ عَمل ۾ ڪڏهن ڪٺي، ڪڏهن ڪٺي. موسم

ڪهڙي آهي، ماحول ڪهڙو آهي، باغي بي نياز فقيرن جيان پيو ڦِرندو آهي. مون مَنجهس ندين جي رواني، ساگر جي گهرائي، جبل جي اَڏولتا ڏٺي آهي. هينئر جڏهن وطن ولارجي ويو آهي، زمين سوڙهي ڪرڻ لاءِ سامراجي ڦُوتون ميگا مُصيبتن جهڙا شهر ڪٽي آيون آهن، ڏارين جي سونامي سنڌ جي واهڻ ۽ وَسندين کي وڪوڙيندي پئي وڃي، ڌرتيءَ جا پُٽ گُم آهن. ديس جو دامن زخمي هَرڻ جيان رَتو رَت آهي، وطن جا ويڙها ويران آهن، وقت جا واچوڙا، سُنهن ۽ ساک جي سِلن کي چِٽيل پَنن جيان اُڏائيندا ٿا وڃن. مٽيءَ جي مَهانتا گُم آهي. ڌرتيءَ جون ڌيئرون رَوا چيلهن ۾ ٻَڌي لٽيون آهن. تڏهن بخشل باغي "سنڌڙيءَ جو سوڳند" ڪٽي هڪ انقلابي سولجر وانگر ڪنهن سَت سَنگ جي گُرو گِيانيءَ جيان آزاديءَ جي قافلي سان گڏ پنهنجي اِنفرادي خواهشن جي پَرواهه ڪئي بغير هلي رهيو آهي. نہ تہ ان اسٽيج تي ڪيئي نامور چهرا خسيس آسائشن جي حقير تمنائن خاطر سوديبازين جي صلي ۾ مليل مات جي مَڪانن ۾ مُنهن مونن ۾ هٽي فرضي خدائن اڳيان سجده ريز ٿي رهيا آهن. پر باغي سائين ايم سيد سان ڪيل اَلست جي عزم مُطابق پنهنجي غلام قوم جي خاموش زندگي ۾ پنهنجي شاعري ذريعي جدوجهد جو روح ڦوڪي رهيو آهي. هن پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو شهيدِ وطن بشير خان قريشي ۽ سِپني وصفين سُهڻي ساگر حنيف ٻُڙدي سان گذاريو آهي. بشير خان ۽ ساگر سان گڏ گُذارڻ معنيٰ صدين جي سچ سان گُذارڻ جي برابر هو. جنهن صدين سچ سان گُذاريو هُجي اُن جي آتما آرامده ڪمرن ۾ آسيس ڪٿي ٿي ماڻي سگهي. مون کي اسان جو پيارو بخشل باغي هنن حالتن ۾ اُن سُپهہ سالار جهڙو ٿو لڳي جيڪو رڳو سرحدن جي حفاظت لاءِ سپاهين جي صِفبندي نٿو ڪري پر پاڻ هٿ ۾ بندوق کڻي مورچي ۾ ويهي ٿو. باغي جيڪو لکي ٿو سڀ کان پهرين پاڻ ئي اُن تي عمل بہ ڪري ٿو.

پياري باغي سان مُحبتن جي تشريع ڪرڻ جي ضرورت ان ڪري بہ ڪونهي تہ ڪي ڪي رشتا ايترو وزن رکندا آهن جو جن جي وضاحت ڪرڻ غير ضروري لڳندي آهي. هُو اسان لاءِ چنڊ هوندو آهي تہ اسين

ڏانهس اُداس چَڪور وانگر اُڏامڻ جي آس رکندا آهيون. ڪڏهن هُو گل تہ اسين پاڻ کي پونئرا پيا پائيندا آهيون. فطرت جي فرشتن، پيار جي مُلائم مِٽي، درياهہ سنڌ جو پاڻي، پکهريل جبلن جي گرمي، وُڻي جي هوا کي گڏائي باغيءَ جو شاعراڻو اُفق تخليق ڪيو آهي. جنهن ۾ اُهي سڀ ڳُڻ آهن، جن ڳُڻن تي ڳالهائيندي اڪثر عاشق ڇوڪريون پَرين جي ننڊ جا پکي ٿي وينديون آهن. زندگيءَ جي جيڪڏهن ڪو ماڻهو مون کان ڊيفينيشن پُڇي تہ آئون ڊِگهو جواب ڏيڻ جي بَجاءِ رڳو بخشل جي شاعري جو نالو ڪٽي ڇڏيان. مون کي پتو ناهي جيڪي ماڻهو شاعري کان پري رهن ٿا اُنهن جي بور حياتي ڪئين ٿي گذري. گهٽ ۾ گهٽ آئون تہ هِن جنم ۾ تہ اهڙو ڪو فيصلو اَفورڊ نٿو ڪري سگهان. مون تہ شاعري جي واٽ تي پنهنجي وجايل وقت جا پيرا ڇڏيا آهن. اُن ڪري جڏهن بہ دل روئڻ گُهرندي آهي آئون بنا اطلاع جي ڪنهن نہ ڪنهن شاعر وٽ هليو ويندو آهيان، ۽ تخيل جي ياڪرن ۾ الا، حَسن درس جي لفظن ۾ ”ڪيڏي ڪوساڻ“هوندي آهي.

باغي ڄاڻي ٿو تہ اسين پاڻ ڪنهن گُمنام شاعر جي اُن نظم جهڙا ماڻهو آهيون جنهن ۾ هڪ اَنڌي ماڻهوءَ کي رستو پار ڪرائي موٽندڙ ڇوڪري واپسي ۾ ترين هيٺان اچي ڳيا ڳيا ٿي ويندي آهي. اسين پاڻ استاد عاشق علي خان جي ڳايل پيم پلاسي راڳ جي اُها تان آهيون، جنهن کي ٻُڌي جيري جي پيوندڪاري ڪرائڻ لاءِ آپريشن ٿيٽر ۾ ويندڙ عورت جي اکين ۾ حياتي جي ڳاڙهي لڪير آزاديءَ جي جهنڊي جيان لهرائيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن آئون سيني کان رُڻل هوندو آهيان. ويندي پنهنجو پاڻ سان بہ پر شاعري ۽ راڳ سان الائجي ڇو ڪڏهن بہ رُسي ناهيان سگهندو. باغيءَ جي مزاحمتي توڙي رومانٽڪ شاعري اسان کي راهِ مُسافت ۾ ماءُ جي شفيق هٿن جهڙو حوصلو بخشيندي آهي. آئون تڏهن تہ ڪيس چوان ٿو تہ باغي! تون الجبرا ۽ ميٿاميٽيڪس جهڙو ڏکيو تہ ڪونہ آهين پوءِ توکي اُهي ماڻهو ڇو سمجهي نٿا سگهن جيڪي پنهنجي تيز ذهانت جي زور تي ڪائنات کي قابو ڪرڻ جا دعويدار آهن. خير ڇڏ اِن ڳالهہ کي. پاڻ کي اُهي درد بہ

انهن لاغرض دوستن وانگر دادلا آهن جيڪي پاڻ کي اڪثر ائين چڙي ويندا آهن جيئن پنهنجي پريمي سان فرار ٿيندڙ عورت پنهنجا ڦريان ٻار بس اسٽينڊ تي ڇڏي ڀڄي ويندي آهي. آئون نواب شاهه جي خوبصورت وٽن ۽ شاداب زمينن جي ذريعي زرخيز ٿيندڙ شامن کي تحسين ٿو ڏيان جن باغيءَ کي جنم ڏنو. جنهن پنهنجو ناتو بالڪپڻ ۾ سنڌ وطن سان جوڙيو. جنهن جي طفيل اسين ساڻس ملياسين. ملياسين ڇا جڻ سوگها ٿي وياسين. هن پنهنجي لامحدود پيار ڪرڻ ۾ پڪوڙي اسان جا اَزلي ٿَڪ لاٿا. اڄ سندس ڳوتا ڪتاب"سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ" تي دل جي باطني ڪيفيتن جون ڳالهيون ساڻس شئير ڪرڻ ٿو چاهيان ته: باغي!مون تنهنجو شاعري جو ڪتاب"سپنو سنڌوديش جو"جڏهن پڙهيو ته جڻ پنهجو پاڻ کي ڊِسڪور ڪيو. تنهنجا غزل مون کي ساگر حنيف جي ٿڪن وانگر وٽندا آهن. منهنجي دنيا دوستي جي دم سان آباد رهي آهي. توهان ٻنهي(باغي ۽ ستار سُندر)اُن دنيا ۾ خوبصورت اضافو آهيو. جن جي ملڻ سان منهنجو خاليپڻو پرجي ويو. مون کي اندر جون اُونهيون ڳالهيون سَلڻ جو سبب ملي ويو. مارڪيٽنگ ۽ ڪمرشل اَزم جي ماحول ۾ ڪارپوريٽ ٿي ويل تعلق دارين ۾ تون نِج نِيار ڪير وانگر اُجرو ۽ روشني جيان اَڻ ڪُٽ آهين. اُن عمل منهنجو رشتن تي يقين بچايو آهي. نه ته هتي هفتي ۾ ماڻهو وڙهي چَٽ ٿيندا آهن. ڳِلا جو نَڪاءُ هوندن، هڪ ٻي مان وينا عيب ثواب ڪيندا. پر پاڻ اهڙين ستمگر حالتن مان به پاڻ بچائي نڪتا آهيون. اهو مُحبتن جو مُعجزو آهي. اُن جو ڪريڊٽ به آئون توکي ۽ ستار سندر کي ٿو ڏيان. نه ته اسين عيبن هاڻا ماڻهون جن کي اُهي به ڇڏي ويا جن بِنا جيئڻ جو تصور گُناهه هو. ڪِن کي اسان جون عادتون ڪونه وڻيون، ڪِن کي اسان جي زندگي گُذارڻ جو ڍنگ پسند ڪونه هو، ڪِن کي سياست سان سُبند نه هو، ڪي رولاڪين جو رُخ موڙڻ جي ڪوشش ۾ هٽا. پر پنهنجي ذاتي، فڪري ۽ نظرياتي دوستي سيڻي شين ڪان مٿي ٿي بيٺي جو پاڻ هڪ ٻي جا ڏُک سُک وَنڊي ڪٽي ورتا. اڄ تون آئون، آئون تون ۾ تبديل ٿي ويا آهيون. سڀ سنڌا ميسارجي ويا

آهن. توکي تنهنجي تخليق جي نئين صبح جهڙي نِڪور ڪتاب”سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ“جون آتاهه دل سان واڌايون ٿو ڏيان. هي ڪتاب جيڪو پنهنجي نالي ۾ سُندرتائن جي حسين ڪائنات جهڙو ٿو لڳي. اُن ۾ موجود تخيلاتي بُلند پَروازي سندس ڪاميابي جي ضمانت آهي. هن ڳوتا ڪينواس تي سنڌ جي جبري طور وچايل نوجوانن جي وڇوڙن جون ڪٿائون چِٽيل آهن، تہ ٻوڏن جي وَهڪرن ۾ وِڪري وَيل وارتائن جا ڏک بہ ڏسي سگهجن ٿا. اَغوا ٿيل ڌرتي جي شهرن جا اَلميا بہ هتي ملن ٿا تہ ايڪتا جي پُرجوش ڪيفيتن جا رنگ بہ آويزان آهن. شهيدن جا مَرثيا بہ هتي لکيل آهن تہ ساموندي ٻيٽن جي وڪجي ويل عظمت جا ڏُکدائڪ منظر بہ موجود آهن. ايئن باغيءَ جي هِن ڪتاب ۾ لطيف سائينءَ وانگر مُتضاد حالتن تي موجود اَنيڪ شعر پَکڙيا پيا آهن. جن ۾ سنڌ ديس جي ماڻهن جا فِراق، وِصال، يُومي ۽ يُومي جي ٻولي، سندن بي آبرو ٿيل خواب، اُجاڙ اُجاڙ بَستيون، ڏَنل ڳوٺ، ويندڙ عمر جا ڏُک، هڪ پوري وطن ۽ اُن ۾ آباد هڪ سڄي قوم ۽ اُن قوم جا اجتماعي تصور، گڏيل ڏُک مَتن مَڙهيل پيانڪ حالتون، اُنهن سنگين حالتن جا ڪيڏارا. اُهو سڀ ڪُجهہ محسوس ڪرڻ لاءِ بخشل باغيءَ جو هي ڪتاب”سنڌڙيءَجو سوڳنڌ“پڙهڻو پوندو.

سيد نواز شاهہ پاڏائي

(ٺٽو)

7/7/2021

شاعر پاران

مزاحمت جي چٽنگ

*رُومانس ۽ مزاحمت زندگيءَ جا ٻہ اهڃاڻ تہ فڪري رَويا آهن جن جي آڌار تي ماڻهو جياپي جا اصول قائم ڪري ٿو. رُومانس ۾ جماليات جو رَويو ملي سندس وُسعت کي گهرائيءَ سان گڏ اعليٰ ڪُشادگي بخشي ٿو. مزاحمت ۾ انقلاب ۽ بغاوت جا رَويا, مزاحمتي جذبن توڙي خيالن کي ڀرپور سَگهہ سان شَعور جي اُوچي اُڏار بَخشي, مَنجهس اِنڪاريت جي اُها قوت پيدا ڪن ٿا, جيڪا هاڪاري بہ آهي تہ زندگيءَ جي لڳاتار واڌ ۽ اوسر لاءِ لازمي بہ آهي. اُن ڪري جڏهن رُومانس ۽ مزاحمت پاڻ ۾ ملي هڪٻئي ۾ ضِم ٿين ٿا ۽ فن توڙي فڪر جو گڏيل آهنگ جُڙي ٿو تہ اُهي گڏجي, هڪ نئين ڌارا کي جنم ڏين ٿا, جيڪا ماڻهوءَ جي مَن کي سيراب ڪري وجهي ٿي. ۽ ماڻهوءَ جي مَنَ جي اُها سيرابي سندس سَگهہ بڻجي پوي ٿي. ۽ پوءِ اُن سيرابيءَ مَنجهان ماڻهپي کي سدا بَهار قوت ملندي رهي ٿي. ۽ جڏهن اُهي ٻئي واڻون آرٽ سان هَمڪلام ٿي شاعري يا ادب جي ڪنهن بہ صنف ۾ نِروار ٿين ٿيون تہ آرٽ جا نَوان نَوان رنگَ نِکري نِروار ٿين ٿا.

شيخ اياز چيو هو تہ: “هر شاعرِ انقلاب شاعرِ رُومانس هوندو آهي. جڏهن تہ هر شاعرِ رُومانس شاعرِ انقلاب نہ هوندو آهي. ”

زندگي جتي رُومانس جي رنگين جذبن ۽ اُمنگن جو سَنگم آهي، اُتي مزاحمت جو پڻ هڪ ڀرپور آواز آهي.

لطيف جي مزاحمتي شاعري هُجي يا خليفي نبي بخش لغاري جو ڪيڏارو، اياز جي مزاحمتي شاعري هُجي يا ابراهيم مُنشي، عبدالڪريم گدائي، راشد مورائي، عبدالحڪيم ارشد، خاڪي جوئي، سرڪش سنڌي، حليم باغيءَ سميت سنڌيءَ جي ٻي مزاحمتي شاعري، اردوءَ ۾ فيض احمد فيض هُجي يا حبيب جالب، چليءَ جو پيبلو نيرودا، اسپين جو لورڪا، روس جو ماياڪوفسڪي، بينگال جو نذرل اسلام، تُرڪيءَ جو ناظم حڪمت، عراق جو عبدالوهاب البياتي، سينيگال (آفريڪا)جو ليوپولڊ سنگهور، پَشتو جو خوشحال خَٽڪ، افغانستان جو سليمان لائق، فلسطين جو محمود درويش ۽ سميع القاسم، شام جو نزار قباني، داغستان جو رسول حمزاتوف، مطلب ته سڄي دنيا ۾ مزاحمت هر دور ۾، هر جاءِ تي هر مظلوم ۽ محڪوم انسان جو اعليٰ ۽ اُتم جذبو رهي آهي. جنهن کي شاعريءَ وسيلي آرٽ سان هم آهنگ ڪري اظهار جو نِرالو رُوپ ڏئي، ٻي وَس ۽ هيٺن ماڻهن جي سُڪل سَرين ۾ تحرڪ پيدا ڪيو ويو آهي.

اردوءَ جو ناميارو نقاد قاسم يعقوب لکي ٿو ته:

”مزاحمت ڪنهن نظرئي، فڪر يا نظام کي قبول ڪرڻ کان اِنڪار تي ٻڌل فلسفو آهي ۽ جڏهن ڪنهن شيءِ کان اِنڪار ۽ اُن جي خلاف مزاحمت ڪئي ويندي آهي ته مطلب اِنڪار ڪندڙ جي حيثيت محڪوم، ماتحت ۽ مجبور واري هوندي آهي. ۽ جنهن خلاف مزاحمت ڪئي وڃي ٿي اُهو ڪنهن طاقتور رويي هُجڻ ڪري مزاحمت ڪندڙ تي

قابض آهي. جڏهن اسان مزاحمتي ادب جي ڳالهه ڪندا آهيون، تڏهن ادب جي اُن تخليقي رَويي مان مُراد هوندي آهي جيڪو فڪر، نظام يا نظريي جي اعتبار(جبر) کان انڪار ڪري ٿو. “

”ادب جا تخليقي رويا بُنيادي طور تي ٻِن مُخالف رَوين تي مَدار رکن ٿا. مزاحمتي ۽ مفاهمتي ادب. معاشري ۾ رائج اُنهن فڪري ۽ جمالياتي رَوين سان مفاهمت جي لاءِ بہ ڪردار ادا ڪندو آهي، جنهن کي تخليقي رَويا سازگار بنائن ٿا. مطلب تہ ادب رڳو مزاحمتي نہ هوندو آهي پر مفاهمتي بہ ٿيندو آهي. مفاهمتي ادب اُنهن فڪري ۽ جمالياتي قدرن سان مفاهمت سيڪاريندو آهي يا اُنهن جو گس ڏسيندو آهي، جيڪي سماج جي نظرن کان لِڪل هوندا آهن. مفاهمتي تخليقي رويا اهڙي ادب وسيلي اُنهن قدرن کي عام ماڻهن سان روشناس ڪرائيندا آهن، جن جي لاءِ سماج ۾ پهرين کان ئي مفاهمتي تصور موجود هوندا آهن.“

مون شاعريءَ جي شروعات مزاحمت سان ڪئي هئي. لاشعوري طور تي بہ رُومانس سان گڏ مزاحمت منهنجي رت ۾ شامل رهي آهي. جنهن جو اظهار مون عملي ۽ تخليقي طور تي پئي ڪيو آهي. مون شاعريءَ ۾ مزاحمت رڳو نعري بازي واري انداز سان نہ ڪئي آهي پر اُن ۾ فن، فڪر، جماليات، علامت نگاري، ٻوليءَ جي نفاست ۽ پيشڪش جي انداز کي سدائين نظر ۾ پئي رکيو آهي.

دنيا جي مظلوم ملڪن جيان سنڌ ڌرتي بہ سدائين ٻاهران ڪاهي آيل قورن ۽ لُٽيرن جي لُٽ مار جو مَرڪز پئي رهي آهي ۽ سنڌي ماڻهو پُر امن ۽ پيار محبت سان جيئندڙ سدائين غيرن جي غلامي جا ڳِچين ۾

ڳَٽَ پائي پئي ڏاڍ ۽ ڏِهڪاءَ جو شڪار رهيا آهن. پنهنجي ڌرتي تي رهندڙ سنڌي قوم جي اهڙي حالت ۾ مزاحمت ۽ مفاهمت جا جذبا ۽ ڪيفيتون گڏ گڏ پئي هلنديون رهيون آهن، جن جي مُسلسل اثر سنڌي ماڻهوءَ جي جيءَ ۾ بغاوت جي چڻنگ دُکائي سندس باغياڻن ذهنن ۾ مزاحمتي جولان کي پئي جَنميو آهي. اُن ريت ۽ رنگ جتي سنڌي قوم کي عملي ويڙهه لاءِ پئي اُتساهيو آهي اُتي قومي ڏارا ۽ ڌرتيءَ جا سُجاڳ فرد بہ پنهنجين تخليقي لکڻين ذريعي مزاحمت ڪندي عام ماڻهن کي پنهنجن شعرن سان پيا پڙڪائيندا رهيا آهن. اُن ڪري پيار، محبت، امن واري شاعريءَ سان گڏ مزاحمتي يا انقلابي شاعريءَ جي پڻ تمام گهڻي ضرورت رهي ٿي. مون پنهنجي جمالياتي شاعري سان گڏ مزاحمتي ۽ انقلابي شاعري کي پڻ پنهنجي باغياڻي مزاج جو ڀرپور آواز پئي ڄاتو آهي. چو تہ مون رڳو شاعري لکي پنهنجو فرض مُڪمل نہ سمجهيو آهي پر عملي طور تي بہ پنهنجي وت ۽ وس آهر سنڌ جي هلندڙ جدوجهد واري تحريڪ ۾ اوسي پاسي ۾ ڪٿ نہ ڪٿ شامل رهيو آهيان. اهوئي ڪارڻ آهي جو سنڌ سان ٿيندڙ ستر سالن جي ويڌن جي تاريخ، سالن جي حدن کي اورانگهي صدين جيڏي ڦهلاءُ ۾ ڦهلجي ذهن ۾ چڻنگون دُکائي، منهنجي تخليقي حِس کي مُتاثر پئي ڪندي رهي آهي، جنهن جي ردِ عمل ۾ مون سدائين پئي مزاحمتي شاعري ڪئي آهي. منهنجو پهريون مزاحمتي شاعريءَ جو مجموعو”سپنو سنڌو ديس جو“ ۽ ٻيو”سنڌو ديس مَهان“هو. ۽ هاڻ هي ٽيون مزاحمتي شاعريءَ جو ڪتاب”سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ“پڻ ڌرتيءَ سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف بغاوت جو تخليقي آواز آهي. هڪ

شاعر هئڻ جي ناتي مان ڪڏهن بہ وطن ۽ قوم جي درد کان لاتعلق نہ رهيو آهيان. ڌرتيءَ جي ڏٺين سان ٿيندڙ ناانصافين منهنجي وجود ۾ سدائين اوتڙ اُٿاريو آهي ۽ پيچ ڊاهہ پئي ڪئي آهي. اُن پيچ ڊاهہ سدائين منهنجي مَنَ ۾ مزاحمت جي چٽنگ باري، منهنجي شعور ۾ پيڙ پڙڪائي منهنجي تخليق پٺي کي تحرڪ پئي بخشيو آهي. جنهن جي عيوض شاعري منهنجي وجود ۾ گُونجندي رهي آهي.

فرانس جي عظيم مصور پال گاگين جون سِٽون آهن تہ: ”ماڻهوءَ جي هَٿن جي حاصلات ئي ماڻهوءَ جي تَشريح آهي.“

۽ سچ تہ شاعري ئي اصل منهنجي حاصلات آهي ۽ اُهائي منهنجي وجود جي ڀرپور تشريح پڻ. مون جهڙي تمام ننڍڙي ماڻهوءَ کي سمجهڻ لاءِ مون کي منهنجي شاعريءَ جي آئيني ۾ ئي پرکي سگهجي ٿو. باقي منهنجي هستي عام ماڻهوءَ واري مٽيءَ جو ڀنوڙو آهي، پر پوءِ بہ اُن مٽيءَ جي ڀِنوڙي مان جوڙيل وجود کي پنهنجي ديس جي ڏک، درد سان سلهاڙڻ ئي زندگيءَ جو اصل مقصد ڀانيان ٿو.

فريڊرڪ نتشي چواڻي تہ: ”ماڻهو فخر سان جي نہ سگهي تہ فخر سان مري. “سو منهنجو بہ اِن ڳالهہ ۾ پورو يقين آهي تہ زندگي کي پيسو ڏوڪڙ يا ڪارون، بنگلا اَمرتا ۽ اَڏولتا ڪين بَخشيندا آهن، پر اُهو وطن سان مُحبت جو جذبو ۽ پنهنجن مارُن ۽ مٽيءَ مٿان فخر ئي ماڻهوءَ جي وجود مان ڏِياتيون ڏِياتيون سُهائي پکيڙي سندس ذهن ۾ شعوراڻي فخر جي روشني ڦهلائي ڇڏيندو آهي. فخر ئي ماڻهوءَ کي زندگي ۽ موت جي اهميت ۽ افاديت کان واقف ڪري ٿو ۽ جياپي جي جنگ ۾ هارائي بہ ماڻهو

فخر جو موت مري سگهي ٿو. ۽ منهنجي بہ دلي خواهش آهي تہ زندگي ۽ موت جي وچ تي فخر جي لاٽ سان پنهنجي منظر کي روشني بَخشيان. اُن کري عملي زندگي کان وٺي تخليقي عمل تائين مان شاعريءَ وسيلي هڪ ذميوار ۽ سُجاڳ شاعر جيان پنهنجو فخر لائق حوالو بنائڻ چاهيان ٿو. اهڙو حوالو جنهن جو دليل منهنجي شاعريءَ ۾ مون کي پنهنجي پوري سگهہ سان اُجاگر کري بيهاري.

شيخ اياز پنهنجي شعري مجموعي "ڪپر ٿو ڪُن ڪري." ۾ ڏاڍي زبردست ڳالهہ ڪئي آهي تہ: "شاعريءَ کي پنهنجو اَنوکو مَنطق آهي جو بئي مَنطق کان وڌيڪ موهيندڙ ۽ مَجائيندڙ آهي." سو شاعريءَ بابت وڌيڪ لکڻ منهنجي وس کان مَٿاهون آهي ۽ آئون وڌيڪ سوچڻ ۽ سمجهڻ جي ڪسوٽي پنهنجن پڙهندڙن تي ڇڏي، هن لِکٽيءَ کي پُڄاڻيءَ تي پُهچائي پاڻ پنهنجي منظر مان نِڪري، شاعريءَ جي پسمنظر ۾ پنهنجي پڙهندڙن سان گڏجي هلڻ چاهيان ٿو.

بخشل باغي

03003217411

7/7/2021

نظم

ڪاري سانجهي

هي ڇا ڏِسندي ڏِسندي، منهنجي منچر ڳُم ٿي وئي؟!
ڇوليون ڇُلندي ڇُلندي، منهنجي منچر ڳُم ٿي وئي!

اُڪَ ڪُٽي ويندي هئي پوءِ بہ جَر نہ ڪُٽندو هو
جنهن جي پاڻي مان جيون جو هر رنگ بہ ڦُٽندو هو

ٻيڙيون وَنجهہ، مُهاڻا مُرڪي اُڇليندا ها ڄار
پکين سان گڏ ٽُڙٻگي ٽُڙٻگي تَرندا ها جي پار
ڪاڏي ويا منهنجي منچر جي جوڀن جا ڪردار؟
هوريان هوريان سُڪندي سُڪندي،
منهنجي منچر ڳُم ٿي وئي

چانڊوڪيءَ ۾ ڇٽنگون ڇٽنگون لَهرون ٻَرندي هُئي
سِڙهہ ڪري هُو چنڊ ڳگن کي ٻيڙي تَرندي هُئي

تارا ٽارا جِهرمِر جِهرمِر منچر هئي ٽيندي
وائيءَ مان سُر جي ڪا ور ورٻيڙي هئي تَرندي
ڳتيون ڳتيون رات سَموري سپناهئي اُٽندي
اُجريون باڪُون ڦُٽندي ڦُٽندي،
منهنجي منچر ڳُم ٿي وئي

پنهنجو صدين ڪان هو سَڳُ سِياپو منچر مَنجهہ
مَرڻو پيي هو پاڻيءَ مَنجهہ جِياپو منچر مَنجهہ

مَرُتا، پَرُتا جِيءُ جِياپا جُڳُ جُڳُ پاٽيءَ سان
عشق، وڇوڙا لِڪندي لِڪندي ميل مُهاٽيءَ سان
هاءِ، ويو سو وقت وهامي ويل وِهاٽيءَ سان
آڙين وانگي ڪُسندي ڪُسندي،
منهنجي منڇر گُم ٿي وئي

ماءُ ٻُڌائي ٿي آڪاٽي روئي مَنڇر جي
ليڙون ليڙون ٿي وئي آخر لوئي منڇر جي
نيڻن جو هي ڏيکُ ڏِهاڙي ڳوڙها ڳاڙي ٿو
هَڙٻانيون ٿيل انگ، اَنگن تي ڪيڏا چاڙهي ٿو
تارونءَ ڪي هيءَ اُڃ اُڃايل ڪاڙهو ڪاڙهي ٿو
ڪارا ڪَٽيي ڪَڙهندي ڪَڙهندي،
منهنجي منڇر گُم ٿي وئي

سنڌو دريا توکي ساري ساري سُڏڪي ٿو
واريءَ جي ويرن کي واري واري سُڏڪي ٿو
ڳاج نَئين جو اُجرو پاٽي توکي ڳوليندي
پياسا پياسا مَن جا پاسا جڻ چاچوليندي
ڪُونجن جو وَرلاپ سجوهي ڪاچو روليندي
ڪاري سانجهي لَهندي لَهندي،
منهنجي منڇر گُم ٿي وئي

نئين سنڌ جا نَوان رَتن

بَڏي باٽ جي ٻُٽ اُونداهين ۾
ڪٽي ٽا وَڃن منهنجا شهزور جوڌا
ڪَنيپا سنڌ جا پُٽ اُونداهين ۾
مگر ڪين خاموش ٿيا مور جوڌا

سَپن جي چَپن تي آ وِينا وطن جي
سُرن ۾ سِرن جون صدائون هَوا ۾
لَٽي گهوٽ جي ناهه ميندي هٿن جي
گَجي ڪيڏي گجگوڙ گهايل گهٽا ۾

ڪيا سَڏَ سُهٽيءَ ته چوليون چُلي پيون
اُٿيون ماروين ڳاٿَ اُوچا ڪَري اڄ
هَٿن ۾ ٻرن مَشعلون اَمن جون ٿيون
اُٿي موج مهراڻ ۾ ٿي وَري اڄ

اِهي رت جا ريج ڏي مَقتلن کي
ڪَٽي چڏ پلي ڪَرت سان تون بَدن هي
اَذيت ڪندي ڪين ڪُجهه گهايلن کي
نه ٻوليندا ٻاڙو ڪڏهن پيي رَتن هي

تون ٽَڪجي ئي پوندين ڪَنِپيندي ڪَنِپيندي
مگر ڪين ٽَڪباسين ڪَڇندي ڪڏهن پي
لَهس توکي لَهسائيندي پئي ڏَنِپيندي
نہ جُهڪنداسين تو آڏو ڊِڇندي ڪڏهن پي

❊

اسلام آباد ۾ لکيل نظم

هڪ ديس آ دروهي
ٻيو ديس وطن وارثُ
هڪ ديس سڄو ڏوهي
ٻيو ديس سڄو پارسُ

هڪ ديس ۾ ڏُکن جي
ڪيڏي نہ اُسَ تِکي آ
ٻئي ديس ۾ سُکن جي
برسات ڪنهن لِکي آ؟

هڪ ديس ۾ ٽا ڪَنيجن
هر روز ديس واسي
ڪاٽي بہ ڪين لَيجن
بي ڏوھ سيئي عاصي

هڪ ديس شهيدن جو
ٻيو ديس قاتلن جو
هڪ ديس يَزيدن جو
۽ ٻيو اُجايلن جو

هڪ ديس کي مِلن ٿا
هر روز لاش چِچريل
مائُن جا جِيءُ جِهجن ٿا
اکڙين جا خواب اُکڙيل

هڪ مُلڪ سَڄو خاڪي
جنهن جي زبان گولي
وَحشي اکيون سَفاڪي
کيڏن ٿيون رَت جي هولي

هڪ ديس مَلهائي ٿو
هر حال ۾ وطن سان
ٻيو ديس ڦِٽائي ٿو
ڌرتيءَ جي سَپوتن سان

هڪ ديس ٻڌيو"باغي"
تنهنجن ٻچيءَ ٻَڌن کان
ڪَڙين ۾ ڪَڙيل "باغي"
جهيڙي ٿو جَهنجَهٽن سان

❊

ڀُونءِ ڀُڻڪي پئي

سنڌ کي تو فلسطين ناهي ڇَڏيو
سوچ تنهنجي اِها ساڳي اِسرائيلي
تو تہ هر ڳوٺ ۾ بيٺ ڊاهي ڇَڏيو
تنهنجي اک ۾ رهي ٿي پَٽي ساحِلي

ديس ۾ پنهنجي، مارُو ڪري بي وطن
ماڳَ سيئي قديمي ٿو قبضا ڪرين
روز ڏِڪجن ٿا ڌرتيءَ ڌٽي وِچ ڌَڳن
هاءِاِلوڙها پَٽي جِهڻ ٿو جُهوپا ڪرين

اڄ بہ چَنگيز تو مان نِهاري پيو
روح هِٽلر جو جاڳيو وري تو مَنجهان
منهنجي وَستين، وَٿاڻن کي ساڙي پيو
ڀُونءِ پنهنجي مَٿان جڻ ڏِڪاريل هُجان

منهنجي رَت سان لِکي پنهنجي تاريخ تو
تو ۾ گهوڙا مدد خان جا ٿا ڏُڪن
ڪين رَت ۾ ٻُڏل کا ٻُڌي چيخ تو
سُنب ڌرتيءَ جو سينو پيا ٿا سَتن

پُونءِ پُٽڪي پَئي چُپ سَمجهين مَتان
سَگهہ تنهنجي نہ هيٺن اڳيان ٿي سَگهي
ٿاهَ ناهي نڳين جا تون اُلجهين مَتان
ڇا ڪا تاريخ طاقت سان توکي اَگهي؟

سنڌ سُهٽي، سَسِي سنڌ نُوري اڃا
سنڌ، دودو ۽ هوشو، ٻَلاول اَٿئي
وقت!هيمونءَ جي گردن ۾ سُوري اڃا
تو اڳيان، شاهه، سامي ۽ سَچل اَٿئي

هي ڪلاچي نہ ڪا اَڪ جي ماکي اَٿئي
جنهن کي لاهي ڇَڪڻ تون ٿو چاهين ڇَريا!
ڏِسُ! سڄي منهنجي تاريخ ساکي اَٿئي
توکي مانگر!ڏسي ڪين گهاتو ڏَريا

ديس ۾ دل دَراوڙ جي ڌَڙڪي پئي
آرين جو پِيو خون تو ۾ ڊُڪي
رات ڪاري ڪُنن مَنجهہ ڪَڙڪي پئي
تنهنجي تلوار تان ڪين ٿو رَت سُڪي

ديس جا ديس واسي ٿي آهن ڏٺي
ڪنهن بہ ڏاريي جو اُن تي نہ آ حق ڪو
هٿ اُنهي تي پٽائي رکيو آ ڪٽي

ڪين اورانگهبي پِٽ يا لَڪ ڪو

او وطن جا سپئي واهروا جاڳجو
ننڊ ڪي سپ نِهوڙي اُٿو ڙي اُٿو
سَٿ سان ساٿ ساري وري واڳجو
هاڻ زنجير توڙي اُٿو ڙي اُٿو

ديس لئہ هاڻ "باغي" بغاوت ڪبي
مات ڪي چٽنگ ڏيئي ڪي شُعلا ڪبا
رات جي رهزنن سان مزاحمت ڪبي
مَقتلن ۾ شهيدن جا ميلا ڪبا

❇

اَک اَک ۾ آ رنگُ اَلستي

سَچل!تنهنجي سَرمستيءَ ۾
گيڙو مڌُ جي مَستي آهي
ديواني جو خواب درازا
بي خود ساري بَستي آهي

تنهنجا خيال خُماريل آهن
تنهنجي ڪوتا آ مڌُ ماتي
لفظ وَجن ٿا گُهنگهرو جهڙا
سِٽ سٽ اَلفي آهي پاتي

تو وٽ سچ مَٿاهون آهي
تو وٽ اُوچو آ انسانُ
ڳالهه ڪئي تو اَناالحق جي
حق سدائين ماڻيو ماڻُ

شاهه سچل، ساميءَ جي ڌرتي
جنهن ۾ پريم ڪيا پَرڻام
اُن جو آ ايمان اَمن ۾
گيڙو گيڙو تنهن جا گام

عشق اُتانهُون تو وٽ سَچل!

تنهنجي مُرڪ مُحبت واري
صُوفي تنهنجي سنڌ سموري
حق موجود ڇَوي ٿي ساري

تو وٽ مام سَدا منصُوري
توتي رنگُ لَٿو الهامي
تو ۾ نعرا نِينهن هٽي ٿو
عشق ڏئي ٿو روز سلامي

تنهنجي آڳنڌ تي ديوانا
گيڙو گيڙو جام پيئن ٿا
تو وٽ اوٽ ادب جي اُوچي
مار نغاري چوٽ جيئن ٿا

مي رقصم آ ديس درازي
اَڪ اَڪ ۾ آ رنگُ اَلستي
ڪيپ ڪِڙيا هِن خُوب مَدامي
"لا"۾ نيٺ لَڏيسين هَستي

ڪڏهن من هي ماڪوڙي آ
ڪڏهن ڪيهر شينهن لڳي ٿو
تنهنجي رنگ ۾ روح رَڇيل آ
ڇا تہ نِڪورو نِينهن لڳي ٿو

❋

باھوءَ جي نالي

او "باھُو" تنھنجي ڌرتيءَ تي،
مان آيس ميرا پير ڪٽي.
من پاتو ويس فقيري آ،
دل آئي "ھُو" جي سَيئن ھٽي.

اڄ مون کي "ھُو" جي ڇِڪ ڇڪي،
آ تنھنجي دَوار ڪٽي آئي.
ڏِسُ! تنھنجي حق جي حيرت آ،
گيڙو سَنسار ڪٽي آئي.

تو يارا! فريبي دنيا کي،
آ پيار ڀَريو پيغام ڏنو.
تو مَتوالن جي محفل مان،
ھِن جَڳ کي گيڙو جام ڏنو.

ڏِسُ! تنھنجي آڳنڌ تي جُھومي،
اڄ شام شَفق سان آئي آ.
تو يانيان تنھنجي نگريءَ تي،
ڪائنات اُفق سان آئي آ.
تو تو ۾ پيار پَساھ ڪٽي،
تو عشق ڪيو لافاني آ.
تو رَمز سُڄاتي مَجذوبي،

تو گس ڏيکاريو گِياني آ.

هي”باهُو“، ”بُلهي“، ”شاهه حُسين“،
ٿئي وائي آهن وَحدت جي.
هي سنڌ، پنجاب ملائين ٿا،
هي آهن پُل مُحبت جي.

تي ڌرتي پاڻ ڌَمال هڻي،
هر ذرو ٿيو وَجداني آ.
آ ڪيڏو ڪيف، قَرار هتي،
هت هر لَمحو سُلطاني آ.

تو وٽ ته نه ڪو مَت ڀيد هُيو،
تو سڀ کي سيني سان لاتو.
پر تنهنجو هي پنجاب ميان!
اڄ پِٽ ٻَٽيو آ پاراتو.

جنهن تنهنجي در کي ٺُڪرائي،
آ تَخت ٻڌايو لاهوري.
او”باهُو“تنهنجو دَرس ڇڏي،
هر ماڻهوءَجي جندڙي جهوري،

پر منهنجي سنڌ اُهائي آ،
جا شاهه، سچل، ساميءَ جوڙي،
آ اَنالحق جي چانوَ مَٿس،
جنهن وَحدت جي منزل ووڙي.

هي سنڌ نہ آهه لَفظُ رُڳو

او ويکو! واڪ لڳائي وَٽُ
هر شيءِ وَکر چڙھ تو لئہ آ
جاگير نَگر چڙھ تو لئہ آ
ڌرتيءَ جو مُله چُڪائي وَٽُ

تو بيٺ ڏنا سڀ ٻيلاٽيون
پُنبداڙ ڏِنگيءَ کي پيٺ ڪري
سنڌ ساگر ملياميٺ ڪري
تو پُونءِ پَڳيون چو ڪَنيڙاٽيون

تو سنڌ ڪَپائي درٻاري
اڄ سياست ۾ واپار ڪري
هِن ديس مٿان چو وار ڪري
غدار! ڪئي آ غداري

هي سَتر سالا ڊرامو آ
جنهن ۾ آ غُنڊا راڄ رُڳو
جو پنهنجي اَنت تي جاڙ پُڳو
جنهن پُونءِ ڪئي هي ٽامو آ

پر پوءِ بہ اڳتي ڪاهيون ٿا
تون ڪيڏا پي هٿيار ڪٽين
۽ منهنجي سيني مَنجھ هٽين
هر ليڪو تنهنجو ڊاهيون ٿا

تون حملا آور چيتي جيئن
جڻ سنڌ هِراسيل هَرڻي آ
تہ بہ توکان مُور نہ ڏَرڻي آ
تون پوڳيندين سپ ڪيتي جيئن

او ديس دروهي! ڪوڙ ٿيو
هي ڊرامو ڪوڙي سياست جو
۽ تنهنجي ڪوڙهي رياست جو
هر ماڻهو آهي توڙ ٿيو

هي سنڌ نہ آ هڪ لَفظُ رُڳو
پر هِن ۾ آ ڪائنات سڄي
ٿي "ڪُن فيڪون" جي بات سڄي
هِن تي پهريون آواز پُڳو

سپ ويد، پُراڻ، مَهاڀارت
هي گيتا، گِيان ۽ پاٺ سيئي

هي پوڄا، مندر ساٿ سيئي
”موهن“ مان جَنميو هي ساهت

تون چا بہ ڪرين تون چا بہ ڳرين
پر توکي ڪجھ بہ نہ وَرڻو آ
هي جوءِ سَموري ڏَرڻو آ
تون اڄ نہ مَرين تہ سُڀاڻ مَرين

❊

ڪارو چاڙهه ٻه لَلڪاري ٿو

ڏِنگي ءِ ڀُنڀاڙ تي قبضو
ٻيلاٽين ٻيٽار تي قبضو

ڌرتي واسي ڪيئن قبولن
سنڌوءَ جي سنسار تي قبضو

ڪيڙائُن جا خواب اُجاڙيئي
ٻاڻٽين جي پار تي قبضو

جُهونا نيڻ ڪٽي اَستوپا
گهُوريو هر آثار تي قبضو

شاهه عنايت!جهوڪ جُهري تي
تنهنجي سوچ ويچار تي قبضو

گهوڙا ٻاري، شاهه بندر سان
جاتي ءِ تَلهار تي قبضو

ڪارونجهر کي توڙين وينو
چوڙيي تي هالار تي قبضو

ڪارو چاڙهه ٻه لَلڪاري ٿو
ساموندين جي سار تي قبضو

❊

اُجاڙيو تو ٻُنڊاڙ جي ٻيٽ کي

اِهي سمنڊ جون ٻيٽ ٻيلاتيون
مٿان کارڙي چاڙ تي چنڊ آ
چٽي چاندني چيٽ ٻيلاتيون
سنڌوءَ کي سڏيندو پيو سمنڊ آ

سنڌوءَ چوڙ کي اُجَ آهي گهٽي
ٻَريان سنڌ ساگر اُٻاٽو اَلا
اُتر ڏي مُهاٽيءَ ڏنو آک کٽي
ٻَتڻ تي اُجايل مُهاٽو اَلا

ڪري ڳات اوچو”موهن جو دڙو“
ڏِسي”کيرٿر“کي صدين کان پيو
”رَني ڪوٽ“خاموش آهي ڪَڙو
پڙاڏو سَڏن ڪارونجهر جي ڪيو

”ڏِنگي“کي نِنڊٽڪو چڙيو تو ڪري
اُجاڙيو تو”ٻُنڊاڙ“ جي ٻيٽ کي

صدين جو رَهاڪو ٻُڪيو ٿو مَري
ٽُڪڙو ته هَنيو آ ٻُڪيي پيٽ کي

اُتر، لاڙ ڪاڇو هي ڪينجهر ٿَرِي
ڪراچي ڪان ڪشمور جاڳي پيو
نہ ڏيندا سمنڊ جي هي توکي ڌَرِي
سڄي سنڌ آواز هڪ ٿي چيو

❊

سنڌو توکان سوالي آ

سنڌوءَ جي سينڌ ۾ واري
اکين ۾ اُجَ هيڪاندي
ڏُنگيءَ جي دانهن دل ڏاري
مَڇي ٿي ريت ۾ ماندي

مُهاڻي مُرڪَ ۾ صحرا
ڏُڪر ٿو مُک تي ڏَهڪي
ڇُڳن ٿا لُڙڪَ ئي چهرا
پٽي ڄِڀ وات ۾ ڦَٿڪي

پَنجئي درياهہ تو پيتا
ڇَهون سنڌو وَئين ڏوگهي
مُقيد سنڌ جي سيتا
ڪئي راوڻ! تنهنجي دوکي

وَهي درياهہ ۾ واري

سَڙي تي اُجَ ڪنارن تي
وڏيل ٻيلا سُڪل تاري
لَٽي پَڙ چَڙ نظارن تي

ڪنڌين ڪي رُڄَ پئي رَڙڪي
دريا جو پيٽ خالي آ
پَترڙ تي ٻُڪ پئي ڦَٿڪي
سنڌو توکان سَوالي آ

*

ڪراچي

خدا جي خُواب جي اُجري
اَزل ڪان ساپيان تو ۾
ستارن ۾ سَدا اُيري
ڪراچي! ڪهڪشان تو ۾

اسان جي ڀاڳ جو روشن
ڪراچي! تون ستارو آن
گُلابن سان ڀَريل گُلشن
مُحبت جو نظارو آن

ڪراچي! سمنڊ آهين تون
اسين تنهنجون سِپُون آهيون
ڪنارن تي پَيل ڪوڏيون
اُنهن مان هار ٿا ناهيون

ڪراچي مارئي جهڙي

ڪراچي سنڌ جي سُهڻي
ڪراچي ساهه ۾ اهڙي
ڪراچي ديس جي مُهڙي

ڪلاچي ڪاڪ مومل جي
سنڌوءَ جي سِير ۾ سُهڻي
ڪلاچي جوت مَشعل جي
سدا تصوير ۾ سُهڻي

سِرشتيءَ ڪي سَمائي تي
ڪراچي ڪائناتون ڪئي
مٿيءَ سان پيي مَلهائي تي
ڪِروڙن ڪي جِياپو ڏئي

ڪراچي سنڌ جي شَه رَڳ
ڪراچي دل ۾ ڌڙڪي ٿي
سنڌوءَ جي آ مَٿي تي پَڳ
هوا ۾ سڙهه جيان ڦَڙڪي ٿي

ڪراچي مورڙي جي آ
ڪراچي آهي موڪِيءَ جي
نہ هي ڪنهن گهورڙيي جي آ
نہ ئي ڪنهن نَڱ نوڳِيءَ جي

مِڙيا توتي وري مانگر
گِدڙ گڏجي پيا سيئي
ڪندا چا هي نوان ”نادر“
تنهنجا عاشق اُٺيا سيئي

ڪراچي هر جنم توسان
رهيو آهي سدا رهندو
اسان جو آ عزم توسان
نہ نقشو سنڌ جو ڏَهندو

ڪلفٽن ۽ ڪياماڙي
مَنهوڙي ۽ لِياريءَ جا
لَڙي ايندا سيئي لاڙي
وچولي، سنڌ ساريءَ جا

❊

ڪراچي رُوپ سَرتيءَ جو

ڪراچي سنڌ جي دل آ
ڪراچي روح ڌرتيءَ جو
ڪراچي ٻڙ تي ڪوئل آ
ڪراچي رُوپ سَرتيءَ جو

ڪراچي ماڳ “موهن” جو
ڪراچي ڳاٿُ ڪارُونجهر
ڪراچي سڌ آ “سَن” جو
ڪراچي نُورِي جي ڪينجهر

ڪراچي جهوڪ ۾ ٿَلتي
ڪراچي توڙي ڦاٿَڪ آ
ڪراچي آ شَفق ريٿي
ڪراچي ڪيرٿر لَڪ آ

ڪراچي “راجه ڏاهر” جي
ڪراچي ناهي “قاسم” جي
ڪراچي سنڌو ساگر جي
ڪراچي مُرڪ آدم جي

ڪراچيءَ ۾ مِياٽي آ

ڪراچي آ ڏَٻي منظر
ڪراچي رَت هاڻي آ
ڪراچي نوڪ آ خنجر

ڪراچي آ ڪبوتر ڪو
ڪراچي ڪُونج ڪا زخمي
ڪراچي جڻ پَتيل پَر ڪو
ڪراچي ڳُونج ڪا زخمي

ڪراچي اَمن جو سپنو
ڪراچي پَريم جو پاچو
ڪراچي نيِنهن جو نغمو
سدائين پيار سان ڳاتو

ڪراچي آ ڪرم تنهنجو
ڏنيون تو جيءَ ۾ جايون
پلايو جن پَرم تنهنجو
وَتن سي ڏُوڙ مُنهن لايون

ڪراچي آس جي جوتي
ڪراچي سَگهه ڌرتيءَ جي
ڪراچي مُرڪَ جا موتي
ڪراچي سُونهن سَرتيءَ جي

❇

ڇَهِين جُونِ

وطن جي مِٽيءَ جا مُحافظ اسين
شهر، گهر، گهٽيءَ جا مُحافظ اسين
اَباڻا اِهي ڳوٺَ ۽ ماڳَ، گَسَ
قديمي سيئي ڏيهه وارن جا ڏَسَ
لَٽاڙڻ نہ ڏينداسين توکي ڪڏهن
اُتي پوندا ٿَر، بَر ۽ تَڙ، تَڙ تڏهن
جڏهن پيي ڪندين وار ڌرتيءَ مٿان
او تَرخان، تاتار ڌرتيءَ مٿان
جُڳن کان ٿا جهيڙين جُهونجهار ڏِسُ
سَجي جُوءِ ڪَڙڪِي آ ڪَنڌار ڏِسُ
وَڙهن واهرو روز پنهنجي وطن لئہ
وڻن لئہ، ولين لئہ، گُلن ۽ ڦُلن لئہ
ڪراچيءَ کان ڪشمور جاڳي پيو
اُتر، لاڙ ڪاڇو بہ جهاڳي پيو
ڏِجي، کيرٿر ۽ رَني ڪوٽ تي
سيئي توتي ڌَمريل اَٿئي چوٽ تي
ڇَهِين جُونِ توسان وڏي جَنگ آ
وطن هي وَڏيو تو ڏي اَڙبنگ آ

نہ ڪنهن جي بہ نالي ۾ قبضو ڪَيو
ڇڏيو سنڌ کي ڪيڪ جيان تو ڪَپي
ڀَلي ڪير ڪيڏو بہ چاهي ڪٽي
مگر سنڌ جا ديس واسي ڏٽي
سيئي هاڻ گڏجي اُٿيا ديس لئہ
سدا توسان وڙهندي ڪُنا ديس لئہ
وطن کي ڪيئن ٿا وساري سگهن
وطن لئہ مَري ۽ ٿا ماري سگهن
سدائين وطن جا نِگهبان هي
شهادت ئي سمجهن پيا شان هي
سدا پُرامن تي رهيا ديس ۾
مُحبت سَندن آهي سَنديس ۾

(21 جون 2021ع تي بَحريا ٽائون ڪراچيءَ جي مين گيٽ تي تاريخي ڌَرڻو)

❋

ڪيڏارو

هٿيارن جا هَٿَ ڏَڪن پيا
غدارن جا هَٿَ ڏَڪن پيا
ٻاتن جيئن هَٿَ اوچا آهن
جن ۾ ٻاڙها جَهنڊا آهن
نعرا اُڀَ کي ڏاري وڃهندا
ماريٻاتوڪي ماري وڃهندا
ماٺهونءَ ۾ جا نفرت آهي
ڌرتي تن جي غيرت آهي
جيڪا جاڳائي ٿي جُوءِ
لڳ لڳ لَهسائي ٿي لُوءِ
ذهنن ۾ مانڌاڻ مَتل آ
سوچن ۾ ٻاڙهاڻ رَتل آ
اَک اَک آهي تاندا تاندا
آڳ اُلا ٿيا ديس مُهاندا
ڪوڙي ڪاڪ ڪيرائيندا هي
گهائيندڙ کي گهائيندا هي
اُلري اُلري آيا آهن
صدين جا هي گهايا آهن

لُوئن جا لُوساٽيل ماڻهون
ٻُک ۽ اُڃَ اُساٽيل ماڻهون
جاڳي پيا جُهونجهار مٽيءَ جا
موهن مان آثار مٽيءَ جا
سَمبارا جا سانگ سَجايا
اِستوپا جا واسي آيا
ڪوٽ ڏجي ڳجگوڙ ڪري ٿو
رَني ڪوٽ ۾ باهه ٻَري ٿو
ڪارونجهر ڳَڙڪات ڪيا اڄ
چوڙيي پي چَمڪات ڪيا اڄ
ڪينجهر اُٿلي پوندي ساري
ڪارو چاڙهه ۽ گهوڙاٻاري
هيل ۾ سنڌ سڄي ڪيڏارو
اَرغونون! او تاتارو!
ڪَرڙي رت جي پياسي آهي
پَل تون اَڄ گهوڙن تي ڪاهي
توسان هڪ هِڪاٽي ٿيندي
تنهنجي خَتم ڪماٽي ٿيندي
ڪانئر جو ڪردار نه رهندو
ويرين جو ڪو وار نه رهندو
ڌرتيءَ جو غدار نه رهندو

❇

منهنجي سِرَ تي تَعزيرون

زنجيرن کي زنگ لَڳل هو
سُورهين پائي لاٿو آ
مُنصف جو ڀي ڪِلڪ ڀڳل هو
تَعزيرن کي پاتو آ

تنهنجا ٿَڪجي پوندا ٽاٽا
تنهنجا جيل ڏَڪائيندا سين
تنهنجا ڳهتجي پوندا گهاٽا
ڌرتيءَ کي نہ لَڄائيندا سين

ڪَٽندي ڪَٽندي پوندين ٿَڪجِي
پار نہ ڪَڇندي پر ٿَڪباسين
ڳرٽن ساڻ وَڃُون پَل ڳَنڍجِي
مَقتل ڏانهن بہ نہ رُڪباسين

ويل وَهائي اَنت ڪري ڇڏ
ڏاڍ نہ تنهنجو ڌهڪائيندو
جسم سَمورا رت ڪري ڇڏ
خُون وطن کي مَهڪائيندو

ڌُوله ڌرتيءَ ڪاڻ اُٿِي پيا

ڪنهن کي ڪنهن کي تون روڪيندين
ڪانئرا! مُرڪي گهوٽ ڪُسِي پيا
ڏيهه سڄي کي ڦاهو ڏيندين؟

مُرڪي پَوندا ڪَنڌُ ڪَپائي
سُر کي سِر سپ دان ڪندا هي
تَنبوري جي تَندُ تَپائي
آزادي اعلان ڪندا هي

تنهنجي ظلمت جي اُونداهي
جهيڻي ڪا بہ نہ جوت ڪندي
تنهنجي غداريءَ جي ڪاهي
تنهنجو بُڇڙو موت ڪندي

تو وٽ غداري جا تَمغا
منهنجي سِر تي ڏِسُ تَعزِيرون
مون ۾ پَنيت پَنيت پَڙڪا
تنهنجي اُوندهيءَ ۾ جِهيرون

منهنجي ڌرتيءَ تي ٿو پونڪين
ڏيهه سڄي کي ڏاڙهين پيو
ڇِتي ڪُتي جيان پيو سَهڪين
ايندا ويندا تاڙين پيو

*

جَنگي جنون

جنگ کي اکيون ناهن
جنگ کي زبان ناهي
جنگ کي نہ ڪَنَ آهن
جنگ خَرمَغز آهي

جنگ اَڏيل ڌرتيءَ کي
خاڪ ۾ مِلائي ٿي
هي بَمن سان بَستيءَ کي
باھ ۾ جَلائي ٿي

رت ۾ سڄي آ ڇِڪ
جنگ بي حسي آهي
پُر امن بَدن نازڪ
ڪان جُدا سِسِي آهي

جنگ، جهنگ جهڙي آ
سانَ ٽا وڙهن جنهن ۾
سَنگرام اهڙي آ
ماڻهپو نہ ڪو تنهن ۾

چوطرف درندا سپ
ڏندَ رتو رت ڳاڙها

ٿا ڪِرن پَرندا سپ
اَمن جي مٿان چاڙها

بوٽ، پيونءِ ڌوڏن ٿا
ٿا لتاڙجن پُوڙا
زُوڪاٽ گولين جا
رَت ۾ چِڪيل چُوڙا

بمَ بي رحم آهن
ايٽمي نَشو چانيل
جنگ ۾ ظلم آهن
هانوَ سيئي هيسايل

خوف ۾ ڌَڪي جنتا
ٻُک ۾ ٻُڪايل ڌِسُ
اَمن جا سيئي رستا
جنگ ۾ جَلايل ڌِسُ

مُلڪَ ٿا کَپن جن کي
سرحدن جا رکوالا
آدمين سان چا تن کي
جن جي هٿن ۾ پيالا

هي تہ وردين ۾ ٿا

روز کو رَچن ڊرامو
هي جنوني پاڳل تيا
يونءِ کي کندا تامو

کين تو ٻُڌڻ چاهي
هي جهان ڌماڪا
رت ۾ تي رانباهي
موت جا رُڳو واڪا

ڏِسُ سجي ڊِنل فِطرت
زندگي ڌَکي پيئي
ڪک تي پئي قُدرت
آ تباه تي ويئي

جنگ جي تباهيءَ کان
ڪائنات لَرزي تي
ڏِسُ ڌُڏِي ڌَماکن سان
يُونءِ يُونءِ وِکري تي

هُو جَهاز اُڏرن تا
هانءِ تا چِڏن لوڏي
گُهوگَهٽ سان گُڏرن تا
دل چِڏين تا ڌوڏي

جانور، پکي، ماڻهون
اَمن کي پُڪارن ٿا
آس هي رکي ماڻهون
جنگ کي ڌِڪارن ٿا

وردين ۾ ڏِسُ وَحشي
دَرندا بُڌن ٿا ڪِٿ
هاءِ هر طرف وحشي
ماڻهپو رَکن ٿا ڪِٿ

ساھ ڪٽڻ ڏيو هاڻي
منهنجي ٿَڪل ڌرتيءَ کي
جنگ ڪُجھ نٿي جاڻي
هاءِ ڏِٺل ڌرتيءَ کي

هي اَنا جا پُوڄاري
ماڻهپي جا ويري سڀ
جنگ رات آ ڪاري
جنهن ۾ ستارا اَڻ لَڀ

ماسَ جا هوائن ۾
مان ڏِسان پيو ٽُڪرا
اَمن جي نِگاهن ۾
خواب ٿي وَيا رَتڙا

او جنون جا جَرنل!
لانگ بُوٽ ڪر پَرتي
ڪاٽيارا او ڳرنل!
تنهنجا پيرا در در تي

هڪ طرف سيئي ماڻهون
ٻئي طرف جنوني ڪُجھ
پُراَمن ڪئي ماڻهون
وردين ۾ خُوني ڪُجھ

هاءِ!ماڻهپي تي چو؟
چند وردين ڀاري
اَمن آجپي تي چو؟
رات ظلم جي ڪاري

پُراَمن آ دل منهنجي
مون کي پيار ذرتيءَ سان
سوچ، جنگ ۾ تنهنجي
ويڙھ، ٻَمر دَستيءَ سان

مان ته اَمن جو شاعر
جنگ ساڻ نَفرت آ
منهنجو ماڻهپو ڀائر
حُسن منهنجي حَسرت آ

ديس جو نوحو

ديس جي دل ۾ تي ڏَڙڪي ڪربلا
گُرز سيني ۾ مُسلسل ٿا لَڳن
۽ پُٺي زنجير سان گهايل سَڄي
روز ماتم ٿو ٿئي ٿانڊن مَٿان
هر گهٽي هر راهه آ نوحا خوان
مُنڊ مَحرم جي سدائين ڏيهه تي
نوڪ نيزي جي ڪُتل آ خواب ۾
۽ نِڙيءَ ۾ تيرَ ٿا لڳندا رهن
وقت جا گهوڙا اَچن ٿا ڊوڙندا
پُونءِ جو آ ياڳُ ڪيڏارو لڪيو
روز ڪَرڙي رَت ۾ ريٽي ٿئي
روز ٿيون سِسيون ڏَڙن ڪان ڌار ٿين
لِڪ ۾ ٿا چوطرف ڪان وار ٿين
وقت ڪي آ بُت ڪاري پُوٽ تي
روز ڪاهُون ٿو ڪري هر رات جو
ديس دانهُون ٿو ڪري هر رات جو

❇

رياست

رياست ڀي جڻ ڪُتي آهي
جيڪا هڪ ئي وقت ڪئي
فِتنا ۽ فَساد جَڻي ٿي
دهشت گوليون باهه ٻَڻي ٿي
جيڪي سندس اِشارن تي
اَمن مٿان باهيندا آهن
ڀونڪيندا، ڏاڙهيندا آهن
روز جنوني جهنڊا جُهولي
ڌرتيءَ ماس پَٽيندا آهن
ماڻهوءَ رَت چَٽيندا آهن
❊

ڪُرسي

سنڌ ڌرتيءَ جي مُقدس آ مِٽي
ديس جو هر هڪ ذَرو آهي اُتم
ديس منهنجو ساري ڌرتيءَ جي مٿان
سُونهن توڙي اَمن ۾ آ بي مثال
هو جَمالو هَمرچو سڀ لوڪ گيت
چنگ، بوڙيندو، طَنبورو، راڳ رنگ
بيت، وايون، آيتون ڀِٽ شاهه جون
ديس صوفيءَ جو سچو گيڙو سنگيت
هُو اُتم تهذيب موهن جي ميان!
پَر مَنجهان وهندڙ اَمر سنڌو دريا
ويد جنهن جي ها ڪنڌيءَ تخليق ٿيا
تون اُنهيءَ مُهذب منهنجي ڌرتيءَ مٿان
غير مُهذب ٿو مڙهين سڀ فيصلا
تو ڪيو اڄ سنڌ کي ياڳا وري
ٿي وئي ڌرتي سڄي راڳا وري
توکي طاقت جي نَشي اَنڌو ڪيو
سنڌ جي لئہ تيار تو ڦَنڌو ڪيو

ڪم تو ڇُهڙا!وڏو گندو ڪيو
پر نہ توکي لَڄ ٿي اُن تي اَچِي
بي نڪي تنهنجي سياست پئي نَچِي
ڏند ٽيڙي ٿو ڪَرن کي خوش ڪرين
سنڌ جو نقشو ڪري ٽُڪرا ڇڏيئي
سنڌ سُهڻي تو وڏيرن جي هٿان
هاءِ! واڳن وات ۾ آهي وڌي
ديس کي گهوري ڇڏيئي ڪُرسيءَ مٿان!

(سنڌ ۾ ٻِٽي نظام خلاف مزاحمت.. 2012ع)

❊

اَيڪتا جو وچن

سنڌ جي اَيڪتا آ سُجاڳي ٻَٽِي
ديس جا اج تہ جاڳي پيا سپ ڏَٽِي
اَيڪتا جي وَچن کي پيو ورجهائبو
گيت گيڙو سڀجي ديس ۾ ڳائبو
پِٽَ تان بيت پَڙڪي اُڏيا شاهہ جا
ديس تي چَنڊَ اُپريا جو ويساهہ جا
درد رهندا نہ ساڳيا هي درياهہ جا
شاهہ سامي، سچل سچَ ساجاهہ جا
اَيڪتا جا اِجهو چاڙ ميلا مَتا
پُونءِ جا هَٿَ ٿيا اج تہ مينديءَ رَتا
چار داٽا بہ آهن چَڱا سَنگ ۾
اچ تہ رڱجي وَطن جي وَيچون رنگ ۾
روز ميلا مَلهالا هُجن ديس ۾
ڳيچ، سهرا، جَمالا هُجن ديس ۾
هاري ناري هي پورهيت ۽ مَزدُور سڀ
منهنجي ڌرتيءَ جا آهن اِهي نُور سڀ
هي ٿا گَڏجن تہ جُهومي پئي ڪائنات ٿي
بات چيري اُپامي تہ پريات ٿي
هڪڙي مالها محُبت جي جوڙيون اَچوا

موت جهڙي هي مانار ٽوڙيون اَچو!
اَيڪتا جا اَچو گيت جُهونگاريون
ديپ ڳڏجي وچن جا سپيئي ٻاريون
گُهگهه اُونداهه ۾ روشني ٿي وڃي
صبح روشن جيان زندگي ٿي وڃي
اَمن پنهنجو تَرانو ٻڌايون اَچو!
اَيڪتا جو وَچن آ نڀايون اَچو!

*

تنهنجي مِٽي مهڪندي

هيءَ وري موسم ڪئين تبديل ٿي
هي ڪڪر ڪارا ڪٿان آيا چڙهي
نيڻ جَل ٿَل ٿي ويا سڀ ديس جا
ديس جا ڳوڙهن سان رستا ويا پِجي
سنڌ ڪي سَڪتو سَراپي ويو وري
اوچنگارن ۾ ٻُڌي ڌرتي وَئي
اَڙ وني اُونداهه جي "هُن" رات ۾
سوڳواري آ ستارن ڪي ڏني
ديس جي سيني نظارن ڪي ڏني
ڪين ٿي تنهنجي اَجل ڪي دل مَجي
جو ڪيو مَنسوب توسان پيو وڃي
آجپي جا تنهنجي پيرن مان ڦُٽا
ڪيترا رستا پهاڙي پنڌ ۾
ديس جي خالي اکين ۾ تو پَريا
رنگ خوابن جي اَمر اُتساهه جا
دلرُبا پنهنجي سنڌو درياهه جا
تنهنجي پويان"نانگ"ڦُوڪاريو پئي
"نانگ" جنهن سپنا ڏَنگيا هِن ديس جا
ديس جيڪو دار تي آهي اَجا
عشق جي تو ڳاٽ کي اُوچو رَکيو
ٻاٽ ۾ تو لاٽ کي اوچو رکيو

پيرَ تنهنجا پنڌ ۾ زخمي رهيا
پوءِ بہ سيني کان سدا اڳتي رهيا
تون هُئين آواز گُونگي ديس جو
تون سُجاڳيءَ جي علامت هُئين چِٽي
مهڪندي رهندي سدا تنهنجي مِٽي
تنهنجي طبيعت ۾ فقيري هئي مِٺا!
سازشن کي تو سُڃاتو ڪين ڪي
ڪو وِهاڻو ڪاڻ پيچي ۾ هُيو
تنهنجي پاڇي ساڻ پيچي ۾ هُيو
جسم تنهنجو ٿي ويو مِٽي ميان!
واسجي هر ڪا وئي گهٽي ميان!
ديس جي دل ۾ سدائين ڌَڙڪندين
ڳاڙهو جهنڊو ٿي هَوا ۾ ڦَڙڪندين
هي وڇوڙو سنڌ جي تقدير ۾
۽ سنڌوءَ جي هر سُڪي ويل وير ۾
ڪانہ ڪا تبديلي آڻيندو ضرور
منزلِ مقصود ماڻيندو ضرور
خون سان تاريخ تو تحرير ڪئي
آجپي جي تو چِٽي تصوير ڪئي
تون اسان جي ساهہ ۾ رهندين سدا
سنڌ جي ويساهہ ۾ رهندين سدا

(شهيد بشير خان قُريشيءَ کي پيٽا)

*

ديس جو شهزادو

رات ڪاريهر جيان ڦُوڪاريو
زهر جهڙا سڀ ستارا ٿي پيا
ننڊ کي نيراڻ ويئي آ ڳڪي
پَل ۾ سيئي خواب پيلا ٿي ويا
پِره ڪان پهرين وَڇوڙو پيو وَڏي
ساهه اُونداهي نِپوڙي پَئي ڳَڏي
ديس جي دل سَرد ٿي وئي سانت ۾
سانت سُرمئي سانحو بڻجي وئي
سانحو ڪنهن سَپ وانگر ٿو لڳي
رات واڇهائي پئي واسينگ جيان
ٿو سُري احساس اهڙو روح ۾
ڪنهن ڪٽي ماکي ملائي ٿُوهه ۾
ڪُڙڪُبيتن جا اُجهامي خواب ويا
۽ پکين جي ننڊ ئي اُڏڙي وئي
وڻ آهن ماتمي سڀ ديس جا
اُڀ ساهي ٿي وئي آڪاس کي
زهر جي گولي لڳي هُو چنڊ پيو
اوڇنگارن جو ڇُلي آ سمنڊ پيو
هاڻ کي ڏاري ڇڏيندڙ ڏيک آ

موت کي ماري چڙهيندڙ ڏيک آ
وقت کي واسينگ ويو آهي ڏَنگي
ڦَٽڪندي سپ ساهه ٽا لمحا ڏين
هارجي رَنگن مٿان ڪاراڻ پئي
جو چِٽي، اُونداهه ٿي، چانڊاڻ وئي
ديس-شهزادو سُتل آ ننڊ ۾
ايتريون دانهون اُٿي ئي ڪين ٿو
ڳاڙهي جَهنڊي ۾ سُتو آهي پيو
هي شهيدِ سنڌ ٿيو ناهي فَنا
موت هُن کي ٻِيو جنم آهي ڏنو
روئي پيو آڪاس پِي مَڙهه جي مٿان
ديس-ٻيڙيءَ جي جُهريل سِڙهه جي مٿان
ناوَ تَختا تَختا هُن جوڙِي اَڇي
وَنجهه ٻانهُن کي ڪري مانجهيءَ مَهان
جُوءِ کي جِيءَ سان جَلا بخشِي سَچِي
هُو ڪنڌيءَ ڏي ناوَ کي موڙي ويو
سپ پُراڻا پَڳهه هُو ڇوڙي ويو!

(شهيد بشير خان قُريشيءَ کي پيٽا)

❈

شهيدن کي پيٽا

شَهادت شاهدي آهي
سَچن جي سُورهيائيءَ جي
وَطن جي اَورچائيءَ جي
مِٽي بي رنگ ڌرتيءَ جي
لَهوءَ سان لال ٿي وئي آ
ڳهاٽي مَقتلن واري
وڏو اُتساھ ٿي پئي آ
کهاٽي آ ککوري پَئي
رَتل ڪردار اُن جا ڳئي
لَهوءَ جي لاٽ پاريندي
اَچي اِتهاس مان پيئي
سَهيڙيو اَلميا ڪيئي
اجوڪي دور جي دَر تي
صَدا هي احتجاجي آ
ڳتا آزاد ڌرتيءَ جي
مَتان پائين رَواجي آ
سَجي ڌرتي تَڏو ٿي وئي

سَموري قوم ڏُکياري
مَرڻ کان ڪير ٿو موٽي
شَهادت ذهن تي طاري
ڪي گهاٽن ۾ ويا گهوٽيا
نہ ڪي ڦاهين وَٽان موٽيا
رهيا ڪي عمر ڀَر قيدي
جُهڪيا هرگز نہ سي پوءِ ڀي
ڪنهين مَقتل کي شَرمايو
سَڙي ڪي خاڪ ٿي ويا ۽
ڪنهين وِهُ کان نہ گهبرايو
تہ ڪي گولين جي سَرگم تي
ڪُڏي سِر کي سَهائي ويا
مِٽيءَ سان سڀ مَلهائي ويا
لِکي ويا خُون پنهنجي سان
ڪَهاڻي هانءَ ڏاريندڙ
پِيڙ بي اَنت ٻاريندڙ
مَٽس عُنوان آزادي
اُنهيءَ جي گهُرج قُرباني
ڏِني جا ديس آ هرپل
اَڃا تائين ڏئي ٿو پيو
مگر مايوس ناهي ٿيو
اڳي کا اڳيرو آهي
ڏِسو هُو ڀَريرو آهي

وطن جي ماڳ جو رستو
اکين مان جاڳ جو رستو
ڦُٽي پيو آهي خوابن مان
اَذيت ۽ عَذابن مان
اسان هِن حوصلا پاتا
لَتا رَت سان رَڱيل پاتا
شَهادت لئه وَطن ڪارڻ
اسان جا روح هِن آتا
مِٽيءَ جو قرض آ سِرَ تي
مَري سو لاهبو ماتا!

❊

ديس جو دلبر

ٿَر ۾ جيڪو ڪالهه روهيڙو رَتو
رَنگُ تنهن جو سنڌ ساريءَ تي لَٿو
رُوپلي جي رُوپ ۾ آيو هُيو
چانورو ٿي ديس تي ڇانيو هُيو
مسجدن کي هُو ڇَڏي مَقتل لَڙيو
مارئي وانگر زَنجيرن ۾ ڪَڙيو
هُن جي پيرن ريت مان رَستو ڪڍيو
خواب هڪڙو پنهنجي نيڻن ۾ اَڏيو
واسجي ويو سَن جي سُرهاڻ ۾
ڏوبجي ويو ديس جي چانڊاڻ ۾
ننڊ مان جوڳي اچي جاڳائيو
ذهن ۾ هُن جي پيڙ پَڙڪائيو
ذات مان نڪتو ته ڌرتي ٿي وَيو
پيرُ ڪاريهر مٿان هُن جو پَيو
مُرڪ هُن جي سانوري ناياب هُئي
گُهگهه اُونده ۾ مِثل مَهتاب هُئي
مُرڪندي سيئي ڪشالا ويو ڪَٽي
مهڪندي هُو موسمن کي ويو مَٽي
عشق ۽ ايمان ۾ اَرڏو رهيو

هُو سنڌو درياهہ وانگر پئي وَهيو
چا تہ هُن جي هو تَخيل جو جَهان
ڪيس ها ٻُڌندا زمين ۽ آسمان
پوپٽن جيئن لفظ ايندا هئا وَٽس
چانوَ ڳاڙهي رهندي هرپل هئي مَٿس
اَنت تائين بي ڊپو هلندو رهيو
هُو جبل جيان لُوءِ ۾ جلندو رهيو
اَڪ وانگر زندگي هُن جي تَپِي
روح سان هُن جهانءِ ڌرتيءَ جي جَهپِي
ٻول ٻاٻيهن جيان هُن جا ٻُريا
خواب ڌرتيءَ جا اکين ۾ پئي هُريا
هُو تہ ڪارونجهر مَٿان ڪو مور هو
ديس جو اَنمول هڪڙو دور هو
ديس جو دلبر دراوڙ ويو هليو
چانوَ جنهن جي هئي اُهو ٻڙ ويو هليو

(سائين عبدالواحد آريسر ڪي پيٽا)

❊

فلسطين

اجان ديس مَحمُود جو آ دُکي
غَزه تي رُڳو آ غَمن جي گهٽا
فلسطين جا پو ٻہ سُورج مُکي
نہ اِسرائيل آڏو کڏهن پيي جُهڪيا

هي بيت المُقدس جي ڳاڙهي مِٽي
ڏَکيا اڄ فلسطين ڳاڙها لَٽا
ڏِسي اڄ شهيدن سان گهر، گهر گِهٽي
فَلڪ تان سِتارن جا ڳوڙها ٽِميا

گُلن جهڙا معصوم هي ٻارڙا
ٽِڙڻ کان اڳي اڄ وَيا سڀ ڇَڻِي
چِڪيا رَت ۾ چنڊ جا چارڙا
سِتارا وَطن ۾ ٿيا ٻي ڏَٽِي

فلسطين!تنهنجي اکين جي نَمِي

نَوان خواب آزاد پَيئي اُٺي
نہ تو وَٽ شَهيدن جي ڪائِي ڪَمِي
سَڄي قوم گولين جا نَغما سُڻي

شَهيدن مَٿان چنڊ هو عيد جو
ڪَفن، ماتمي رات ٻڄِي لَٿِي
قَبر تي ڏيئو چنڊ اُمِيد جو
اَچا پِي آ خوابن جي روشن ٻَتِي

او مَحمُود! ڌرتيءَ جي گولي مَٿان
مِٽِي مَهڪِي تُنهنجِي فلسطين جي
گُلابن کي تِڙندو ڏِسان اُن مَنجهان
رهي ديس تنهنجي، جِي ڌَرتي سُکِي

❊

سنڌ صدين کان

”ڪُن“ کان پِي اڳي، سچ تہ ”هُن“ کان اَڳي
سنڌ موجود هُئي هِت صدين کان اَڳي
ديس آ مُنهنجو تهذيب جي اِبتدا
ساک جنهن جي ڏئي آ رهيو ”اِستوپا“
سنڌ جي سِينڌ سنڌوءَ سَنواري سدا
جنهن جي لهرن تي جِهرمِر ڏِياري سدا
جنهن جي پاٽيءَ مان جَنميو ”موهن جو دڙو“
ڳات اُوچو ڪٽي اڄ بہ آهي کَڙو.
جنهن مان مُهذب پٽي جي آ تخليق ٿي.
پُرامَن آجپي جي آ تصديق ٿي.
هر قدم تي نِراليون نِشانيون مِليون.
کوڙ گيڙوءَ رَتيون هِت کهاٽيون مِليون.
ڏاند گاڏيءَ جو ڦِيٿو جيئن ئي ڦِريو.
دور بيئنل صدين کان هو اَڳتي سُريو.
وقت کي تيز رفتار ويئي مِلي.
ديل وانگر هي دنيا بہ پيئي ٽِلي.
پيرَ جُهومي ”سَمبارا“ کَنيان پُونءِ تي.
رنگ هوليءَ جا سَيني هَنيان پُونءِ تي.
گِيان جا دَرَ کُليا ويد تخليق ٿيا.

گيت سنگيت جا سچ بہ اُپري پيا.
”اوم“ڪولي اکيون سِپير سنڌوءَ ڏِٺي.
ڪيس آجيان ڪئي سنڌ منهنجيءَ مِٽي.
سُونهن، سُرهاڻ سان سي سنڌوءَ جون ڪنڌيون.
مهڪنديون ئي رهيون پو ڪروڙها صديون.
جنهن جي پَوتر مِٽيءَ مان مُحبت ڦُٽي.
جنهن جي خوشبو اَجا تائين ناهي کُٽي.
سنڌ ڌرتي اَمن جو حَوالو اُتم.
جنهن رکيو ساري انسانيت جو ڀَرم.
جنگ جو ڪو بہ جنهن وٽ تصور نہ هو.
ڪو بہ ڀالو نہ هو ڪوبہ خنجر نہ هو.
”اَيڪتا“جو ڏنو دَرس جنهن هر گهڙي.
منهنجي تهذيب جي آ اُتم هر ڪڙي.
جنهن جو اِتهاس دنيا ۾ آ مُنفرد.
آسمانن کان اُوچو گهڻو اُن جو قد.
وقت جي ماپ جنهن آڏو پوندي کُٽي.
سنڌ جيجل مَنجهان هر خُدائي ڦُٽي.
هي ٿي دنيا جي ماٿي تي بنديا لڳي.
سنڌ موجود هُئي هِت صدين کان اڳي.

❊

تهذيب جو ترانو

آ ديس جي لَبن تي، تهذيب جو تَرانو.
اَجرڪ ڪُلهن ۾ اوڍي، رنگين ٿيو زَمانو.

موهي مهڪ مَٽيءَ جي، ڏني رنگن کي راحت
پيئي ٽِڙي ٽِڪن ۾، چانڊاڻ جهڙي چاهت.
ڦُلڙيون فنا نہ ٿينديون، ٽِڙنديون سدائين رهنديون.
ساهن ۾ مون سَمائي، پنهنجي رَکِي ثقافت.
کُٽندو ڪڏهن نہ موهن جي دَڙي جو خَزانو.
اَجرڪ ڪُلهن ۾ اوڍي، رنگين ٿيو زَمانو.

هُو مور رقص سان اڄ، رنگن کي ٿو پَکيڙي.
پِٽَ تي هُو ڊيل ڊوڙي، ٿي سانجهہ کي سَهيڙي.
گَجرن ۾ سَجن ٻانهُون، گَجرن ۾ ڪَجلا سَر آ.
چاتيءَ تي گَج گُلابي، ٿَڪن جا ساز ڇيڙي.
پَنگهٽ تي سُرمئي ٿو سَپنو لڳي سُهانو.
اَجرڪ ڪُلهن ۾ اوڍي، رنگين ٿيو زَمانو.

رَنگت رِليءَ ۾ آهي، ڌرتيءَ جا خوابَ گيڙو

بڻجي تِڪُون سِتارا، ٿيا آفتابَ گيڙو،
ٽوپو سَنهي سُئيءَ جو پورهيو پيار وارو
جيجل جي جُهور هٿڙن، پوکيا گُلابَ گيڙو،
آچئون جَهان کي هي، اي سنڌ جا جَوانو!
اَجرڪ ڪُلهن ۾ اوڍي، رنگين ٿيو زمانو.

جُگنو ٿي ٿِمڪندا پيا، جَهرجَهنگ ۾ جَمالا،
مورن سان جُهومندا پيا، هر رنگ ۾ جَمالا،
ميلا، ملاکڙا هي، هِن ديس جي سُجاڻپ،
سازن جا رنگَ گيڙو، چِت، چَنگ ۾ جَمالا،
هي پُرامن وطن جو ذرتيءَ تي آشيانو.
اَجرڪ ڪُلهن ۾ اوڍي، رنگين ٿيو زَمانو.
آ ديس جي لَبن تي، تَهذيب جو تَرانو.

❊

سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا

مِٺڙو لَهجو لفظَ نِيارا.
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا.

جنهن ٻوليءَ ۾ لولي آئي.
ڇُلنديِ سنڌوءَ چولي آئي.
اَکرن ۾ اج رَنگَ کِڙي پيا،
لفظن جي آ هولي آئي.
سج جيان آ سُهڻي روشن،
شَبد، چَندرما، ٽُبڪا تارا.
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا.

ٻوليءَ جو اِتهاسُ اَنوکو.
موتيي جو جيئن واسُ اَنوکو.
الف، بي جي پَٽِي پياري،
لفظن جو اَلماسُ اَنوکو.
اوچي هي تهذيب رکي ٿي،
هِن جا وارث”موهن“وارا.
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا.

ڪيڏي سُونهين مَنجهه ڪتابن.
انسانيت جو دَرس نِصابن.
مَڪتب جو ٿيو مانُ مَٿاهُون،
علم پکيڙيو نُور جَوابن.
زيرون، زَبرون پيش سُريلا،
ٻوليءَ جا آواز پيارا.
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا.

شاهه ڏِنو پيغام مُحبت.
سَچل، سامي جام مُحبت.
اَنالحق جي گُونج اِنهيءَ ۾،
وَحدت واري مام مُحبت.
هِنسا ڪي آ اَلف مِٽايو،
لفظ اَهنسا جا هِن سارا.
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا.

منڙا ٻاتا ٻول ٻُرن ٿا.
لڪندي نِنڊڙا هَٿَ چُرن ٿا.
آئيندي جا روشن تارا،
سنڌيءَ ۾ تعليم گُهرن ٿا.
علم پِرائڻ ڪارڻ آتا،
گُلڙن جهڙا ٻالڪ سارا.
سنڌي ٻولي امرت ڌارا.

چا تہ اکر هِن موتين_داڻا.
سبق پَڙهن ٿا مُومل، راڻا.
بيت ڪتابن جا ٿا سارن،
نظم اُچارن ٿا ٻاراڻا.
هَٿڙن مَنجهہ ڪتاب، قلم ۽،
پيرن ۾ مَڪتب جا چارا.
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا.

موهن جي لِپيءَ جي عَظمت.
اُوچي آ سنڌوءَ جي عَصمت.
سنڌي ٻولي اُلفت واري،
اُن جي مٽيءَ ۾ آ وَحدت.
لاڏا، ڳيچ، سُريلا سهرا،
سات هَمرچو ڳائڻ وارا.
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا.

❊

مِٽيءَ جي مُحبت

عشق کي جيڪي سَلامت ٿا رَکن
زندگي ڀَر سي سَلامت ٿا رَهن
موت تن کي ڪين ٿو ماري سگهي
جي اَمرتا جي علامت ٿا رَهن
عاشقي ايڏي اُتم آ ڀُونءِ جي
حوصلا سيئي شَهادت ٿا رهن
مَقتلن جو موت ماري ڪين ٿو
۽ نہ قاهي گهات ڌهڪائين ٿا
جن بہ رشتو ديس سان جوڙي ڇڏيو
رُخ تن تاريخ جو موڙي ڇڏيو
زندگيءَ کان تن کي ڌرتي آ مِٺي
جن بہ مِٽيءَ جي مُحبت آ ڏِٺي
موت تن لئہ ڪوبہ ناهي مسئلو
ڪين تن جو هيسجي ٿو حوصلو
ڏِسُ!شهيدن جو وَڏي پيو قافلو
ماڳ جن جو آهي آزادي فقط
موت سان رکندا نہ آهن هي رکت
رَت لائيندو اُنهن جو نيٺ رت
مچَ تي ايندا مِڙي سيئي پَتنگ
ديس جا ٽيندا رَتاوان روح رَنگَ

❊

تانيا

روز منهنجي پُونءِ ٿي رَت ۾ ٻُڏي
مارِوين هِت روز ٿيون ماريون وَڃن
ڦَٽڪندي ڌرتي سَموري ٿي لُڇي
مُوملون، سُهڻيون ڪيون ڪاريون وَڃن

ماءُ جون اکڙيون اَجان ناهن سُڪيون
ڌيءَ جون دانهون ڪَنن ۾ ٿيون ٻُرن
پينرون سُڏڪي وَجودن ۾ ڏَڪيون
گهاءُ ٻڻجي جيڏيون جِيئَن ۾ ڪُرن

تو ڪهاڙيءَ کي سَدا رَت سان رنڱيو
تو وَڍيا هِن اَنگَ جيجل ماءُ جا
پيرڻ توکان دانُ جيون جو مَنڱيو
پر نہ تو ۾ ها ڳٽا ڳهڪاءُ جا

ڪُونج جهڙي ڪامڻي تو آ ڪُٺي
رَڙ هي عالم سمورو ٿي وَيو
عمر ڌرتيءَ جي پٺي آهي ڪُٺي
وقت پِي افسوس ۾ ٻيهي رَهيو

لَڄَ لوئيءَ جي نه تو ڪڍهين رَکِي
تو نه عورت تي ڪڍهن ويچاريو
رت ۾ پوتي وَنيءَ جي تو رَتِي
پيڻ ڪي ڪاري ڪري تو ماريو

تو رڳو هڪ”تانيا“ماري نه آ
تو هَنئي گولي سڄي ڪائنات کي
هي رڳو هڪ ماءُ آزاري نه آ
تو ڏُکايو ديس جي جذبات کي

❋

خوابن ۾ ڪَرڙي

صبح سان تنھنجي وڇوڙي جي خبر
ھيروشيما تي ڪِريل اَيٽم جيان
اوچتو دل جي مٿان اھڙو ڪِري
ھانءُ ٿو سيني مَنجھان نِڪتو اچي
ڪنھن غلط ھي چاڙھ شايد آ ڏنو
ايئن مُمڪن تي سگھي ئي ڪين ٿو
جو اَچانڪ موت ياڪر ۾ ڀَري
دُور توکي پنھنجي ڌرتيءَ کان ڪَري
تون تہ گھري ننڊ ۾ آھين سُتل
خواب پنھنجي ديس جا پيو تو ڏسين
دل تہ ھوڏي ڪين ٿي ڪُجھ ٻي مَڃي
تنھنجي وِڇڙڻ جي حقيقت ڪُوڙ آ
منھنجي خيالن ۾ اَچا مُرڪين پيو
لفظ تنھنجا ڳالھڙيون مَھڪن پيون
ٿَ ھڪَ تنھنجا ٿا تَصور ۾ ٽِڙن
تون مُحبت جو ھُئين ڪو شاھڪار
توکي قُدرت خاص خلقيو ھو مِنا!
پيار تنھنجي جي مِٿي ھئي ايتري

جنهن مَنجهان تون ئي جُڙيو جُهونجهار هُئين
تون ڀِٽائيءَ جو اَتڪ ڪردار هُئين
سُرَ تنهنجا هئا ڀِٽائيءَ جو ڀَرم
تو صَدا جنهن جي سُرن ۾ هُئي هَئين
تون وَطن جو واهرو وڙهندو رَهئين
تون وَڏئين اڳتي سدائين بي ڏِپو
وِڪَ ڀُنتي ڪين ڪئي ڪڏهين بہ تو
تون تہ سيد جو وَطن لئہ سَڏُ هُئين
تون تہ هيڻن جو ڏُڪايل هَڏَ هُئين
تون وڏي جو هُئين حَوالو هر گهڙي
تو ڪئي پئي روشني اُونداهہ ۾
پيار جي توسان سَين دَعوا ڪئي
پيار تو سڀ سان ڪيو مَحبوب جيان
تنهن ڳري محبوب سيني جو هُئين
ساهُ ۾ سانديئي رسالو شاهہ جو
تون تہ ڪاهوڙي ڀِٽائيءَ جو هُئين
تو سَسيءَ جا سُور سَڀ مُرڪي سَنا
مارئيءَ جيان لَڄ ڌرتيءَ جي رَکي
تو ۾ سُهڻيءَ جي سَلامت سِڪَ هئي
تو ۾ لالچ ڪين ليلا جي هئي
تون تہ راٺو راڄ جو ٻڌجي وَئين
تنهنجي رَڳ رَڳ ۾ ڀُريو ڀِيجل پئي
تو ۾ ڪيڏارو ڪُڏيو پئي هر گهڙي

تنهنجي خوابن ۾ هئي ڪَرڙي رُڳو
ڪين توسان ويڙهه ۾ ڪو ٻيو پُڳو
تون سموري عُمر ڪاهيندو رهئين
انقلابي گيت ڳائيندو رهئين
تو جبل جهاڳيا وَطن جي جاڳَ جا
تو ۾ شُعلا ٻَڙڪيا پئي آڳَ جا
تنهنجي مِٽيءَ ۾ مِلاوَٽ ڪين هئي
تو ۾ خوشبو هئي مِٽيءَ جي مَهڪندڙ
چاهه تنهنجو ديس سان هو چَهڪندڙ
تو مِٽيءَ جي مانُ کي اُوچو ڪيو
تنهن ڪري تنهنجي مِٽيءَ کي مانُ آ
تنهنجي وڇڙڻ جو وڏو اَرمانُ آ

(ساگر حنيف ٻُڙدي کي ييٽا)

❊

ساگر

رُوپلي جو روح هو تو ۾ ميان!
تو ۾ هيمونءَ جي هئي حَشمت وڏي.
تون حَشوءَ جي خواب جي هُئين ساپيان.
تون تہ هوشوءَ جي هُئين عَظمت وڏي.
سڌَ سيد جا هُئين تون سَن مٿان.
تو ۾ ڏاهر جي هئي هَمت وڏي.
تو اندر تَڙڪات ها مَخدوم جيان.
ديس جي تو ۾ هئي غيرت وڏي.
کهڙو کهڙو نانءُ مان توکي ڏيان.
تو ۾ دودي جي هئي جُرئت وڏي.

(ساگر حنيف بُڙدي کي پيئتا)

❊

تاريخ سان مڪالمو

راجا ڏاهر!
تنهنجا پائر،
تنهنجي ٻاريل،
لاٽ شَهادت،
واري اڄ ٻي،
پنهنجي رَت سان،
روشن ڪن ٿا.
تنهنجو نالو
ڏَئي حوالو
ٻِن قاسم جي ناجائز ءِ،
وَحشي رَت سان،
اڄ ٻہ وِڙهن ٿا.
اڳ رِڙهن ٿا،
پُنتي موٽڻ،
مهٽو آهي،
قرض مٽيءَ جو
پَرٽو آهي،
آزاديءَ جو

پنهنجي رَت مان،
ڳاڙهو سج،
اُڀرڻو آهي،
تنهنجي! ريت،
نِپايون پيا ٿا،
اڳتي قدم،
وَڌايون پيا ٿا،
ڪله ۽ اڄ ۾،
فرق گهڻو آ،
ساڳي جنگ،
هلي ٿي پيئي،
آهن آرڻ،
ڏينهن اُهيئي،
ها پر جنگ جو
مَثيل آهي،
طور طريقو
ڪالهه هٿن ۾،
هُون تلوارون،
گهايل گهوڙن،
جون هٽڪارون،
اڄ جو ويري،
تيز گهڻو آ،
حاڪم ڏاڍو

آ سو ڳابو،
ها پر توکي،
پوڻ بہ سَن جي،
شينهن سُڄاتو،
قوم اَياڻي،
ڪَٺو ڪَٺو آ،
پوڻ بہ ڏاهر!
سڀ ڪجهه ظاهر،
پَڌري پَٽ،
پيو آهي،
هيءُ غُلامي،
نيٺ وِهامي،
پَڄري، ڪامي،
خاڪ اُڏامي،
وَڃڻي آهي،
آزاديءَ جي،
مُومل ماڻڻ،
ڪاڪ ڪڪوڙڻ،
واري واهر،
راجا ڏاهر!
اچڻي آهي... !

❊

نثري نظم

ڪلر بِلائينڊ

هُو هاڻ ڳاڙهي رنگ کان ڊِڄڻ لڳا آهن
ڇو نہ پوءِ اُهو رنگ ڪنهن هوليءَ جو هُجي
خواب جو هُجي يا ڪنهن بہ جَهنڊي جو
هُو هاڻ ڳاڙهي رنگ کان ڊِڄڻ لڳا آهن
هُو سيني رنگن مان فقط ڳاڙهي رنگ کي
جلاوطن ڪرڻ چاهين ٿا
ڇو تہ ڳاڙهو رنگ کين ”ڪلر بِلائينڊ“ ڪري ڇڏي ٿو
هاڻ سندن رَڳن ۾ رَت بدران
بي رنگ پاڻياٺ ڊوڙي ٿي
ڇو تہ هُو هاڻ ڳاڙهي رنگ کان ڊِڄڻ لڳا آهن
هُنن، اُن ڊپ ۾ وِقلندي
سُرخ خوابن تي بہ بندش مَڙهي ڇڏي آهي
هُو باک کي ڪاراڻ ۾ لِڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪن ٿا
هُنن هاڻ رَت جي ڳاڙهي رنگ کي
نيراڻ مائل يا زرد بڻائڻ شروع ڪيو آهي
يا وري هُو ڳاڙهي رنگ کي باهہ ۾ ساڙي
ڪاري ڪرڻ ۾ ئي پنهنجو بَچاءُ پائين ٿا
ڇاڪاڻ تہ هاڻ هُو ڳاڙهي رنگ کان ڊِڄڻ لڳا آهن
هُو ڳاڙهي رنگ کي ڪَنبيندي ڪَنبيندي

پنهنجي ئي خوف هَٿان ڪَنيجڻ لڳا آهن
هُو هان ڳاڙهي رنگ کان ڏاڍا خوفزده رهڻ لڳا آهن
هُو هاڻ جَهنڊي جي ڳاڙهي رنگ کي ڏسي
لَرزي وڃن ٿا
۽ پنهنجي گردن کي ڦاهيءَ ۾ ڦاٿل محسوس ڪن ٿا
ڇو ته هاڻ ڳاڙهو رنگ هُنن لاءِ
هڪ اهڙي علامت بڻجي چُڪو آهي
جنهن جي پَس منظر کي ياد ڪري هاڻ هُو ڇِرڪڻ لڳن ٿا
اُنهن جي هر ڇِرڪ ۾ هاڻ ڳاڙهو رنگ
پَرجي چُڪو آهي
هاڻ ڳاڙهو رنگ سندن جبر، تشدد، ظلم ۽ ناانصافي تي ڇانئجي چُڪو آهي
۽ هُو هاڻ ڳاڙهي رنگ کان ڇِرڪڻ لڳا آهن

❊

غزل

پيرَ ٽانڊن مٿان پَچائيندو،
ڏرتتيءَ سان ڪو لَئنون لڳائيندو؟

مون ۾ آهن اڃا بہ ڪجهہ چِڻنگون،
ڪير ڀَنڀيٽ ڪري جَلائيندو. ؟

مون وطن جي وَٽي آ واٽ سَدا،
پنڌُ توکي منهنجو ٻُڌائيندو.

خوف تنهنجو ڪَنيي ڪَنيون آهي،
هاڻ توکان نہ ڪو لَنوائيندو.

هي اڪيليون نہ پينرُون آهن،
هر ڪو ڀائر سَندن سَڏائيندو

تاءُ تو تائين پُهچندو ڏِسجان،
تنهنجي تارونءَ کي پي تَپائيندو.

پاڻ ڪَپجي اُهو ختم ٿيندو،
ديس جا خواب جو کَپائيندو.

ڪنڌُ ڪَپجي ڪِري سگهي ٿو پرا
هي نہ "باغي" ڪڏهن جُهڪائيندو.

❊

ريت جو هڪ ته راس آ دريا
پيو ته اُڃ جي به آس آ دريا

منهنجي ڌرتيءَ جي بَدن تي پياسو
ليڙون ليڙون لباس آ دريا

هي ته ٻيڙي فقط ئي ڄاڻي ٿي
ٻِن ڪنارن جي پياس آ دريا

پُور ناهي پَترڻ پُڪاري ٿو
ناوَ مانجهي اُداس آ دريا

ڪَپ ڏِلي جيان سُڪل ٽِڪر جهڙا
ڄڻ ته خالي گِلاس آ دريا

چنڊ جي ناوَ ناهه لهرن تي
رات ڪاري اُماس آ دريا

اُڃَ آهي ڦُٽي ڪنارن تي
نوٽ واريءَ جو واس آ دريا

❊

آزاديءَ جي مومل ماڻي ايندا سين
توڙي سيئي سينا تاڻي ايندا سين

گهوٽي گهوٽي ٽڪجي پوندين تون آخر
گجندي پاڻ سدائين گهاٽي ايندا سين

ويڙهه وَطن جي وڙهڻي آهي ويريءَ سان
ڪُڏندي ڪَرڙي،تنهنجي پاٽي ايندا سين

تنهنجون زنجيرون ۽ ورديون لَرزائي
پيرن ۾ سڀ پونچالي ٽاٽي ايندا سين

ڪيٽي بندر ڳاڙهو جاتي، ساما رو
گهوڙا باري، ڪارو چاٽي ايندا سين

ڪا بہ نہ ڪاري ڪاڪ نہ رهندي ڌرتيءَ تي
لال لهو تي لاک،اُلٽاڻي ايندا سين

تو مان سُرخ سَويرا ڦُٽندا اُونداهي!
ٽِمر ٽِمر ٽاندياڻن جي ٽاٽي ايندا سين

ڌرتي،تنهنجو سَڌ سَدا وَرنايو آ
باغي باغي پَڙڪي هاٽي ايندا سين

❊

آزاديءَ جي مَن ۾ اُجري آس اجان
ڌرتي!تو ۾ منهنجا سڀ وشواس اجان

پيرن ۾ هي ڌرتي پيرَ ڳڙين جهڙي
ڳَٿَ ڳَچيءَ ۾ پانيان تو آڪاس اجان

سنڌوءَ تي پَنجوڙ وِڏا تو ڏيمن جا
گَرجي ٿي گهنگهور گهٽا ۾ پياس اجان

سنڌو پنهنجي اَزلئون ديوي ماتا آ
پاڻ مُهاڻا سيئي اُن جا داس اجان

هڪڙي شينهن غلاميءَ ۾ گجگوڙ ڪئي
اڄ بہ ڌَڪن ٿا اندر ۾ راڪاس اجان

❊

غداريءَ جا تمغا تو وٽ
ڇهري تي سَوَ ڇهرا تو وٽ

منهنجي هڪڙي واٽ اِهائي
ڪيئي آهن رستا تو وٽ

پنهنجي ڌرتيءَ تي مان بي گهر
دولت، گاڏيون، بنگلا تو وٽ

ديس اسان جو آهي ليڪن
اُن جا سيئي قبضا تو وٽ

روز نئين ڪا سازش تنهنجي
ديس ڏٽين لئہ دوکا تو وٽ

تنهنجي سوچ ۾ دهشتگردي
خاڪي وردين وارا تو وٽ

زنجيرن ۾ جُسا جَڪڙيل
قيدي پنهنجا پاڇا تو وٽ

منهنجون عيدون ماتم جهڙيون
محرم ۾ ٻي مُجرا تو وٽ

❊

ڪري گوڙ گجگوڙ تي اڄ گهٽي
ڪٿان مينهن آيا هي بادل ڪَٽي؟

وڏا هيل برسات راڱا ڪيا
سَڄي سنڌ خيما ئي خيما ٻٽي

ڏَڪي وَئي سَڄي پُونءِ بارش ڏسي
ڦهر تي ڪڪر مان ڪِري تي ڪٽي

ٻُڏن جون صدائون ٻُڌي ئي نه تي
ڪيو دربدر ديس ڪي سانوَٽي

ڳڪاوان ڳچا گهر ڍَهي پَٽ ٿيا
ڪڪر روڪ آڪاس جا او ڏَٽي!

ڏِسي مينهن جون ديس تي آفتون
اکين جا به "باغي" ڇَپر پيا ڇٽي

*

دُور ڪيلاش تان لَهي سنڌو
منهنجي خوابن ۾ تي وَهي سنڌو

هِن جو پاڻي بہ سون وَرنو آ
ڪُنوار وانگر پئي ٺَهي سنڌو

جڻ پيو شينهن ڪو اَچي گجندو
ايئن ساگر ڏي پئي ڪَهي سنڌو

تير ڊيمن جا پنهنجي سيني تي
منهنجي جيجل پئي سَهي سنڌو

مان هُجان يا نہ پر منهنجي ماتا
اَبد تائين اَمر رَهي سنڌو

❊

پاڻي ڏِيوم پاڻي، درياهہ تو چَوي
ڪَربل جي هيءَ ڪهاڻي، درياهہ تو چَوي.

واري بہ جڙ تہ واڳون، ياڳا ڪئي سنڌو
وائي نہ ڪا وَراڻي، درياهہ تو چَوي.

رَگويد روح منهنجو ڪيلاش کان مٿي،
تهذيب آ پُراڻي، درياهہ تو چَوي.

سنڌو اَزل کان آهي، جيون جَهان جو
هر يُگ جي آڏواڻي، درياهہ تو چَوي.

باڪون ڳڏيون سدا سچ، گيڙوءَ رَتيون ڦُٽي
هر شام صُوفياڻي، درياهہ تو چَوي.

مَرندو نہ ڪو مُهاڻو جُهرندي نہ ناوَ ڪا،
هر مُرڪندي مُهاڻي، درياهہ تو چَوي.

ڪيڏا بہ تون سنڌوءَ تي، پَنجوڙ وِجهہ ڪٽي،
رهندي نہ قيدياڻي، درياهہ تو چَوي.

❊

ماڻهن تي بار ورديون
ٻُٺون، هَٿيار ورديون

ڳيرو وَجن ڪَنپيندا
اَڻ ڪُٽ هَزار ورديون

مارِين ديس واسي
خاڪي غَدار ورديون

ٻُک ۽ پياس پيڙهي
ٿَر، ٻَر، ڏُڪار ورديون

هرڪو وڃيو خريدي
وِڪجن بَزار ورديون

واپار حياتين جا
هَٿ، هَٿ ٽَرار ورديون

رَت پِيئنديون رَهن ٽِيون
سپ خُونخوار ورديون

هيٺن جي هَٿان ٽيڻديون
هي تار تار ورديون

ڏرتي نٿي هي چاهي
بُوٽن جا بار ورديون

آهن جَهمور پويان
سڀ اِقتدار ورديون

رَت ۾ رَنڱيل سَنگِينُون
وحشي نِهار ورديون

"باغي" عَدم تَشدد
سامهون قَطار ورديون

❊

بيت

خيمي مٿان چنڊ

ڪٽي آيو پاڻ سان، پاٽي پيڙائون،
چارئي ڏِسائون، ٻُڏل آهن ٻوڏ ۾.

❋

پاٽي آهي زندگي، هڪڙي حد تائين،
اُن ڪان پو سائين!ساھُ بَچائڻ آ ڏُکيو.

❋

سارنگ!تنهنجا رنگَ سڀ، هيل ويا وِنڙي،
ڪيڏو ويو پَڪڙي، ڪارو رنگُ ڪئنواس تي.

❋

صَبُر ڪر سانوڻ!ايڏو ڏَمر ڏيھ تي،
ڪکرن جا هي ڏَڻ، ڏُوڪي وَڃ تون سمنڊ ڏي.

❋

ڪيڏي آ گجگوڙ هاڻ ڏَڪائي تي چڙي،
ايڏي ٻوڙان ٻوڙ اڳ نہ ڪئي هُئي سانوڻي.

❋

هيلوڪي برسات، ڪٽي آئي آفتون،
جيون جي هر ذات، پاٽي، پاٽي تي وئي.

❋

ڪکر ڪٽي آئيا، شايد سمنڊ سَجو
پاٽي آھ وڏو هر پاسي جڻ ٻوڏ آ.

❊

ڪرم ڪر مولا!ماڻهو سَتايل آٿئي،
بَرسا، تون نہ ايترا، ڪڪرن جا ٽولا،
بارش ۾ ڳولا، سُڪِيءَ جي هر ساھ کي.

❊

ڪيڏا اُيا هَٿَ، اکيون سپ آڪاس ۾،
سانوڻ ڏَمري آئيو ڪانهي ڪڪرن ڪَٿَ،
مولا! ٻُڏن مَٿَ، تون ئي ڇپر ڇانوَ ٿي.

❊

اهڙي حالت اڳ، مِينهَن ڪڏهن ڪين ڪئي،
ڪي بہ نہ بَچيا ڏَڳ، پاڻيءَ ريءَ نہ جاءِ ڪا.

❊

ڍنڍون، ڍورا واھ ۽، سِم نالا بہ سيئي،
نيٺ وَهي اچ آئيا، ٻوڙيئون ڳوٺ ڪئي،
پاڻي آ ٿي وئي، ڌرتي، ساري ديس جي.

❊

نالي جي سرڪار، رُڳو امدادن پُٺيان،
ٻُڏي ويا مِينهن ۾، جوان، ٻُڍا ۽ بار،
ناريون، جُهونيون، جُهوپڙا، ٻَنيون، شهر، ٻَزار،
پوءِ بہ سڄي اخبار، گندي سياست سان ڀَريل.

❊

منهنجي ڌرتيءَ جا سيئي، ساوا، ساوا کيت،
ٿي ويا مليا ميٽ، سُک ڪٽي وئي سانوڻي.

❊

خيمي مٿان چنڊُ، چانڊوڪي آهي ڪئي،
پاڻيءَ جو پر سمنڊ، پوءِ ڪُٽي ٿي ڪين ٿو.

❊

سانوڻ گُذري ويو مگر، گُذري ڏُک نه ٿو
اڃ به ڪئمپن ۾ الا، تَڙپِي سڄ لَٿو
مِينهَن ڪيو دربدر، ڪچو گهر به ڍَٺو
ڍڪيل ناهه مَٿو پوتي، پَٽڪو ويا لُڙهي.

❊

گهُٽون، مَڇر، جيت ۽، پَٽي ڪُٽ پَئي،
مِينهَن جهڙي هيل ڪئي، اهڙي اڳ نه ڪئي.
گوڙ ڪري گجگوڙ ٿي، ڪِنوٽين تَجلا ڏَئي،
بادل مَنجهه ٻَئي، ٻَرسي ٿو اڃ ٻُونءِ تي.

❊

ايڏي مِينهَن وَس، سانوڻ! منهنجي ديس تي،
ساهه ڪنيو هو مَس، ٻوڙي ڇڏيو تو وري.

❊

سانوڻ ڪٽي آفتون، آيو آ بي حد،
ڪئمپون ڀَريل مال جيئن، ڪوڙ ضرورت مند.
ٻَچيل آهن چند، باقي سڀ مُتاثرين

(2010ع جي برساتن جي تباهه ڪارين تي)

❊

سنڌ، ثقافت، اَيڪتا

ڌرتيءَ مان آهن ڦُٽيون، اَجرڪ جون ڦُلڙيون،
جَرڪن ٿيون سُورج جيان، ٽِڪون ٽوپيءَ جون،
سنڌ، ثَقافت، “اَيڪتا”، هر دل ۾ ڌَڙڪيون،
جُوءِ سَجي جُهمريون، جَمالا جاڳي پيا.

❊

اُيري آئي”اَيڪتا“، اَجرڪ، ٽوپيءَ سان،
رنگ ثَقافت جا ٻٽيا، سَرتيون ۽ سَرتا،
پِرتئون سپ پَرتا، ديس جَمالا تي ويو.

❊

ٽِڙن مُڪڙيون موڙ جون، ٻهڪن مُڪَ سدا
ساري سنڌ اَدا، مينديءَ سان مهڪي پَوي

❊

چالئه وِرهائين پيو، ماٺهون طبقن ۾
هڪڙا اَهنجن ۾، ۽ ٻيا جيئن زندگي.

❊

چنڊ اسان جي عيد جو تي ويو ڪالهه شهيد،
ڏُک وِڪي بازار ۾، ڪارو وِيس خريد،
غلاميءَ جي عيد، اچا منهنجي ديس ۾.

❊

توکي نئين سال جون، ڪيئن ڏِيان واڌايون،
پاڻ اَجان آهيون، پنهنجي ڌرتيءَ تي غُلام.

❊

موت نہ ماري ماروي، پاڻ مَري ويو موتُ،
جَرڪي پئي ڏِس جوتُ، باک ڦُٽي آ ديس تي.

❊

اُڏري ويئي ڪُونجڙي، ڳاڙها پَنڪَ ڪٽي،
گولي گهات هَٽي، گهاءُ ڏئي وئي ڪُونج کي.

❊

آزاديءَ جون پَنڪڙيون، مُڪڙيون تي ٽِڙنديون،
ڪَٿوريون ڪِڙنديون، پنهنجي ڌرتيءَ جي مٿان.

❊

چيتون چيتون پَبَ جا، پٽرَ تي ويندا،
توکي جي ٽيندا، سَسئي!اسامهون پنڌ ۾.

❊

وايون

ننڍ نِياڳي چڙ
سِج چڙهي آيو اٿئي
جاڳائي وِجهه جُوءِ کي
سُجاڳيءَ کي سَڏ
سج چڙهي آيو اٿئي
اُس تِکي آهي گهڻي
سِج مَٿان، ڪُجهه اَڏ
سِج چڙهي آيو اٿئي
دل جي دلبر سان ميان!
ديس ڪٽي تون گَڏ
سِج چڙهي آيو اٿئي
ٻَل ٻٽي اُٿ پُونءِ جو
هَل تون هِيٽين هَڏ
سِج چڙهي آيو اٿئي

❊

پيرن هيٺان دار
تارونءَ ۾ تَلوار
ڳٽ غلاميءَ جا ڳِڇيءَ
اَٽڪيا هِي اَنياءَ سان
جهيڙيندي جُهونجهار
ڳٽ غلاميءَ جا ڳِڇيءَ
سَنگينون سَهڪن پيون
گولين جي گُونجار
ڳٽ غلاميءَ جا ڳِڇيءَ
اڄ بہ ساڳيا ديس ۾
تَرخاني تاتار
ڳٽ غلاميءَ جا ڳِڇيءَ
ڇا تو قبولي ڇڏيا؟
او شاعر، فنڪار!
ڳٽ غلاميءَ جا ڳِڇيءَ
جُهڪائي سگهندا نہ هي
زنجيرن جا بار
ڳٽ غلاميءَ جا ڳِڇيءَ
❊

ايندو بهار ايندو
ويندين سڀئي خزائون
مايوس ٿي نہ مُرجها
مُرڪي نِکار ايندو
ويندين سڀئي خزائون
دل هيڪلي نہ رهندي
آخر تہ يار ايندو
ويندين سڀئي خزائون
اي ديس! تو لئہ گردن
مَقتل يا دار ايندو
ويندين سڀئي خزائون
چاهيو هُيو پٽائي!
جيڪو سُڪار ايندو
ويندين سڀئي خزائون
تون سَڌ تہ ڪر او ساٿي!
هر جان نثار ايندو
ويندين سڀئي خزائون
لَهسائيندو مٿيءَ کي
اهڙو ڪُنيار ايندو
ويندين سڀئي خزائون

❊

تنهنجي آڳنڌَ تي اَچِي،
دل درازا تي وئي.
جامَ پِيتئين عشق جا،
وَجد ۾ اهڙو نَچِي،
دل درازا تي وئي.
ڳالهه حق موجود جي،
روح ۾ ويئي رَچِي.
دل درازا تي وئي.
گُونج اَناالحق جي،
روح ۾ ويئي رَچِي.
دل درازا تي وئي.
وحدت الوجود واري،
سوچ سَچوءَ جي سَچِي.
دل درازا تي وئي.
رنگُ تنهنجي راڳ جو
آ ويو اهڙو جَچِي.
دل درازا تي وئي.
خيالَ گيڙو تي وَيا،
اڄ ته پيرُن جيئن پَچِي.
دل دَرازا تي وئي.

❊

سَچل جي درگاهہ تي
"سَچل" ڳائي پيو
دَرازا جُھومي پيو!
تنھنجو ڪيف ڪمال ئي،
جَڳ جُھومائي پيو
دَرازا جُھومي پيو
اَلفي گيڙو رنگ جي
عالم پائي پيو
دَرازا جُھومي پيو
ڳچيءَ ڳانا پَٽ جا
سالڪ پائي پيو
دَرازا جھومي پيو
سَرمَستيءَ جي ڪيپ ۾
نِينھُن نَچائي پيو
دَرازا جھومي پيو
سَچل سارو سچ آ
وقت ٻُڌائي پيو
دَرازا جھومي پيو

* سچل فقير نالي ڳائڻو

*

اي شهيدِ وطن!
تُنهنجي لاوارثي،
مون کان ڏِسجي نہ ٿي.
جا وطن کي پئي
آپگهاتي رَسي.
مون کان ڏِسجي نہ ٿي.
ٿي مَيارون ڏئي،
سنڌ جي آرسي.
مون کان ڏِسجي نہ ٿي.
دربدر ديس جي،
درد ۾ بي وَسي.
مون کان ڏِسجي نہ ٿي.
ڏيهہ جي مُکَ تان،
مُرڪ تو جا کَسي.
مون کان ڏِسجي نہ ٿي.

❊

پنجڪڙا

ديس جي دانهَن ڪير وَرنائي
سڀ ڪو پنهنجي ئي ذات ۾ گُم آ
هڪ ٻئي جي ئي مات ۾ گُم آ
ڪير پنهنجي اَنا کي دَفنائي
ديس جي دانهَن ڪير وَرنائي

❊

روز منهنجي ديس جا هِت خوابَ تا ڪَنيجي وَڃن
ٻُٺ اُوندھ جي ٻَڏي ڏاڙيل ڌرتيءَ تي پُڳا
لانگ ٻُوٽن سان چِتڙ رابيل ڌرتيءَ تي پُڳا
سوجهري ۾ ڏيهه جا مَهتاب تا ڪَنيجي وَڃن
روز منهنجي ديس جا هِت خوابَ تا ڪَنيجي وڃن

❊

چوسٺو

اُت اُٺاٽيءَ جو وقت آيو آ
موڪلاڻيءَ جو وقت آيو آ
ماٺ حد کان وَڌي وئي آهي
هاڻ پاٽيءَ جو وقت آيو آ

❊

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


سنڌڙيءَ جو سوڳند
(شاعري)
بخشل باغي
301
پهرين ته مون کي پنهنجي اڻڄاڻائيءَ جو اعتراف ڪرڻ گهرجي ته مون بخشل باغيءَ جي شاعري تفصيل سان پڙهي ناهي. صرف فنڪارن کان ٻڌي آهي. نه منهنجي ڪا ذاتي سڃاڻپ آهي. بس هن سان شاعر برادريءَ جو هڪ رشتو آهي. جڏهن هن ڪتاب تي هن مون کي ٻه اکر لکڻ جي حجت ڪري پنهنجي شاعريءَ جا چند صفحا موڪليا. سي پڙهي هن جي باغيانه شاعريءَ مون کي چرڪائي ڇڏيو. سنڌ مان ڪنهن ڪم ڪيل ڪارڪنن بابت.
هن جا شعر ناهن سعلو آهن.
شعر ناهن جن ته بم ۽ گولو آهن.
هن جي هر سٽ ۾ جڻ سنڌ جو ٻڌڪو شمايل آهي. هو رڳو شاعر ناهي پر سنڌ مان ڪنهن ويل نوجوانن جي محبوبائن جو هن جي شاعريءَ ۾ گهرو درد شمايل آهي.
هن ڏکي ديس کي اهڙائي شاعر نا ڪين: جيڪي محبوبن جي زلفن کي ڇڏي هن ديس جي لٽجڻ تي نه رڳو ماتم ڪن. پر بخشل وانگر وڄي باغي ٿي بيهن. جنهن جي هر لفظ ۾ للڪار هجي. سنڌس هر لفظ دشمن لاءِ تکي تلوار هجي.
نيڪ يو بخشل باغي!
رڳو لفظن جو ماهر ناهين!
تون اسان جي قبيلي جو هڪ سدا ملوڪ شاعر آهين!
آڪاش انصاري
18/7/2021
ISBN: 978-969-737-045-0
Rs.250/=